# رسالو رهنمائي



مصنف

منٺار فقير راڄڙ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

Scanned with CamScanner

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# رسالو رهنمائي

مصنف

**منٺار فقير راڄڙ**

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2014ع

Scanned with CamScanner

(هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين
درگاهه منٺار فقير عليه رحمة وٽ محفوظ آهن.)

چاپو پھريون سال 2007ع تعداد 500
چاپو ٻيو مارچ 2014ع تعداد 1000

قيمت: هڪ سؤ پنجاسي رپيا
(Price: 185-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ انچارج مئنيجر عبدالرحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الھڏنو وگھيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

Scanned with CamScanner

# چپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”رسالو رهنمائي“ سنڌ جي سدا ملوڪ شاعر منٺار فقير راڄڙ جو اُهو شعري مجموعو آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي مرشد جي شان ۾ چيو اٿن. جيڪو سنڌي شاعريءَ جي اهم ۽ قديم صنف ڏهر تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڻ الله تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي واکاڻ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي ساراهه جو ذڪر آهي.

ڏهر سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم ۽ قديم صنف آهي، جنهن ۾ ڏگهن بيتن جي صورت ۾ حمد، نعت ويندي سينگار ۽ ناصحاڻي نقطن واريون سموريون صنفون اچي وڃن ٿيون. هن صنف تي سنڌ جي ڪجهه شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن شاعرن ۾ منٺار فقير راڄڙ جو نالو به شمار ٿئي ٿو، جنهن هِن اهم صنف تي طبع آزمائي ڪري پاڻ ملهايو آهي.

هيءُ ”رسالو رهنمائي“ پهريون ڀيرو سال 1928ع ۾ هيراٺيءَ جي صوفي سيٺين جمعيت راءِ پٽ راءِ صاحب نارائڻداس ۽ پرتاب راءِ پٽ شامنداس ڇپرايو. جڏهن ته ٻيو ڇاپو وري 1987ع ۾ عقيدتمندن پاران ڇپرايو ويو. ڪلام جي اهميت ۽ افاديت کي پرکيندي هن رسالي کي سنڌي ادبي بورڊ 2007ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپرايو، جنهن جو هاڻي هيءُ ٻيو ڇاپو پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

بورڊ جي مانواري چيئرمين قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان، جنهن جي مفيد مشورن ۽ ذاتي دلچسپيءَ ڪري هيءُ رسالو ڇپائيءَ جون منزلون آسانيءَ سان طئي ڪندو اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

امید آهي تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ هيءُ ڪتاب پڙهيو ۽ ساراهيو ويندو.

30- جمادي الاول 1435هہ
01- اپريل 2014ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# فهرست


| عنوان | نالو | صفحو |
| --- | --- | --- |
| مقدمہ | مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 7 |
| دعا جا ٻہ اکر | مخدوم محمد امين فهيم | 10 |
| شکر ادائي | فقير محمد بخش ضامن | 11 |
| سوانح حيات مننار فقير | فقير ولي بخش راڄڙ | 13 |
| سوانح (ضميمو) | فقير محمد بخش رڄڙ | 16 |
| سهروردي طريقي جي | فقير محمد بخش ضامن | 25 |
| ذکر جي ترتيب | | |
| سرور شاھ جي سگھ جو | سيد علي گل شاھ بخاري | 31 |
| ليکو لکندو کير | | |
| داستان پهريون | حمديہ ڏهر | 37 |
| داستان ٻيو | ڪلمي جا ڏهر | 39 |
| داستان ٽيون | طلب جا ڏهر | 43 |
| داستان چوٿون | مخدوم نوحؒ جا ڏهر | 50 |
| داستان پنجون | سومارن جا ڏهر | 57 |
| داستان ڇهون | مخدوم امين محمد جا ڏهر | 60 |
| داستان ستون | ميان محمد زمان وٽ ڏهر | 63 |
| داستان اٺون | مخدوم ظهيرالدين جا ڏهر | 67 |
| داستان نائون | مخدوم غلام محمد جا ڏهر | 70 |
| داستان ڏهون | ميان غلام حيدر جا ڏهر | 72 |
| داستان يارهون | مخدوم غلام محمد جي مسافري جا ڏهر | 75 |
| داستان ٻارهون | مخدوم طالب المولىٰ جي منزلن جا ڏهر | 84 |
| داستان تيرهون | سماع جا ڏهر | 90 |


Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| داستان چوڏهون | نصيحت جا ڏهر | 92 |
| داستان پندرهون | نصيحت جا ڏهر | 94 |
| ڪافيون | ڪلياڻ - پيروي - ڪوئسيو - جهنگلو - بلاول - بسنت وغيره | 101 |
| مولود شريف | سارنگ ۽ ڌناسري ۾ | 110 |
| لولي | سرور شاھ جي شان ۾ | 114 |
| لولي | عاجزي ۽ دعا پنڻ جي | 120 |
| صدا نامون | الله، رسول، ۽ اصحابن، پنج تن پاڪ ۽ سرور نوح لاءِ | 125 |


Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner



درگاهہ منٺار فقير جو ٻاهريون ڏيک

Scanned with CamScanner

# مقدمو

لفظ "ڏاهر" جو مخفف (گھٽايل) "ڏهر" آهي. "ڏاهر" جو اشتقاق (بنياد) لفظ "ڏاهـَـ" آهي. جنهن جون معنائون آهن: خبر، ڏس، پتو، پرولي ۽ ڳجهارت[1] پر انهي لفظ جون معنائون سڏ ۽ اطلاع وغيره به آهن.

لفظ "ڏاهر" ۾ رنسبتي آهي جيئن ڪنير، لهر ۽ پتر وغيره وغيره. عوام ۽ خواص کي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيئي، الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي "ڏهر" چوٽي آهي ته ڏاهري به آيل آهن يا "ڏاهرن" جي اچڻ جو انتظار آهي وغيره يعني ترنم (سُر سان) ڏهر ڏيندڙ فقير.

چوندا آهن ته فلاڻي ڳالهه لاءِ سموري پرڳڻي ۾ "ڏاهـَ" ڏني ويئي ته سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا (مدد ڪرڻ لاءِ) ته ڪم ٿي ويو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جيترين به صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ ڏهر کي شامل نه ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻولي جي قدامت ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڄ تائين جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، انهن ۾ جديد تحقيقاتي بنيادن مطابق مذهبي پرچار وارو ڪلام، يعني "گنان" به ڏنا ويا آهن جن کي اندازاً 1965ع کان پوءِ سنڌي شاعري جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي. "گنان" فقط اسماعيلي پيرن جي تعريف ۽ توصيف جا بيت آهن جن کي سنڌي ادب جي ٻئي دور جي شاعري طور پيش ڪيو ويو آهي. (ڏسو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ڇاپو ٻيو از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحه 184 - 186) حالانڪ "ڏهر" به سنڌي شاعريءَ جي عظيم صنف آهي جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد ڪريم ﷺ جي ساراهه ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جي ساراهه جو ذڪر آهي. منهنجي ڄاڻ موجب شاعري جو هي نمونو الف اشباع (مقدمه الصلواة) جي دور سان گڏوگڏ شروع ٿيو آهي ۽ اڄ تائين قائم دائم آهي.

Gul Hayat Institute

---

[1] اهي معنائون هڪ مختصر سنڌي لغت مان ورتيون ويون آهن. ان لغت جا پهريان 38 صفحا ديباچي سميت ۽ آخري صفحا به ڪيترائي ڪونه آهن. جنهن سببان لغت ۽ ان جي مصنف جو نالو ڪونه آهي ان پراڻي لغت جو مالڪ قاضي عبدالحق تائب انصاري آهي.

Scanned with CamScanner

"ڏهر" سنڌي شاعري جي هڪ غير عروضي صنف (نمونو) آهي جنهن کي مخدوم معظم غوث الحق حضرت مخدوم نوح جي سروري جماعت جياريو اچي. اها صنف ايتري تہ مقبول هئي ۽ آهي جو شاھ عبداللطيف ڀٽائي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ان کي جاءِ ڏني. غير عروضي سنڌي شاعري ڪندڙن کي گهرجي تہ "ڏهر" جي صنف تي آل جال لکن.

"ڏهر" ۾ حمد، نعت، منقبت، صحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين و اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف تي مضمون لکيا آهن.

هن سلسلي ۾ منهنجا چند ڏهر ملاحظ فرمايو:-

لا الله الا الله، محمـــــــد الرســـــول،
جهـــانن ۾ جميـــل ڪـــي، مولـــيٰ ڪيـــو مقبـــول،
پيغمبـــر پـــڌرو ڪيـــو، الله جـــو اصـــول،
طـــالب المولـــيٰ مـــرد تـــي، فڪـــر ڇـــڏ فضـــول،
جنهـــن قريشـــيءَ جـــي قـــرب ڪـــي، قلبئـــون ڪيـــو قبـــول،
ســـو محبتـــي ملـــول، ڪـــڏهن ٿينـــدو ڪونـــہ ڪـــو.

(2)

آءٌ طالب تنهنجو تو ڪلي، تـون سـخي سـرور شـاھ،
پنـــان ٿـــي پينـــار تـــو، تنهنجـــي نيـــڪ نگـــاھ،
ســـدا منهنجـــو ســـاھ، ســـکي تنهنجـــي ســـڪ ۾.

(3)

آءٌ طالب تنهنجو توڪلـي، تـون سـخي سـرور پيـر،
دامـــن لڳـــس تنهنجـــي، منهنجـــا متـــا مرشـــد ميـــر،
يـــا ننگـــي نـــوح فقيـــر، ڀـــرم رکجـــانءِ ڀـــال ســـان.

(4)

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي، تـون سـخي شـاھ سـرور،
پنـــان ٿـــي پينـــار تـــو، تنهنجـــي نيـــڪ نظـــر،
سنـــدي ڏينهـــن محشـــر، ســـوڪو ڪـــج ســـردار تـــون.

مثال طور حيات فقير جت جا بہ ڏهر ڏجن ٿا. جيڪو اصل جاتي ضلع ٺٽي جو رهاڪو هو:

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# دعا جا ٻه اکر

رسالي رهنمائيءَ ۾ مننار فقير جو اهو ڪلام آهي جيڪو پاڻ مرشد جي شان ۾ چيو اٿس، هونئن تہ فقير مننار جي سموري ڪلام ۾ مرشد جي محبت ئي نمايان نظر ايندي پر هن رسالي ۾ اهو ڪلام آهي جيڪو خاص مرشد سان منسوب ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪجهہ ڪافيون، مولود ۽ لولي وغيره آهن پر خاص ڪري ڏهر جيڪي سروري جماعت ۾ ذڪر سان گڏ چيا ويندا آهن، ان ڪري هن رسالي کي ڏهرن جو رسالو بہ چئبو آهي، سڄي سروري جماعت ۾ گهڻو ڪري مننار فقير جا ڏهرئي چيا ويندا آهن ۽ ڪجهہ ٻين فقيرن جا ڏهر بہ آهن. هن رسالي جي اها خوش بختي چئبي جو رسالي جو مقدمو قبلا طالب المولیٰ سائين جن لکيو آهي، جنهن ۾ پاڻ ڏهر تي ڪافي تفصيل سان لکيو اٿن. اسين سروري جماعت کي اها خاص هدايت ڏيندا ڪريون تہ تسبيح سماع ۽ ذڪر ڏهر سان خاص شوق رکن اهائي مرشد جي ڏسيل ۽ ڪاميابيءَ جي واٽ آهي. سنڌي ادبي بورڊ وارن فقير مننار جو ڪلام شايع ڪري ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي.

اسين فقير محمد بخش 'ضامن' سندس خاندان ۽ سروري جماعت لاءِ دعا ڏيندا ڪريو تہ مننار فقير جيڪو مرشد جي محبت جو درس ڏنو آهي ان کي سمجهن ۽ ان تي عمل ڪري دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪن.

دستخط

مخدوم محمد امين فهيم
سجاده نشين
درگاهه غوث الحق مخدوم سرور نوح

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# شڪر ادائي

رسالي رهنمائي ۾ فقير منٺار سائين عليه رحمة جن جو اهو شعر آهي جيڪو مرشد جي شان ۾ چيو ويو آهي خاص ڪري ڏهر. سروري جماعت جو دستور آهي تہ مرشد جي آمد يا روانگي. سومار شريفين جا ڏينهن ۽ هر روز اٿر مهل رات جو ۽ شام جو وچينءَ مهل ذڪر يعني ڪلمي جي تنوار سان گڏ ڏهر ڏنا ويندا آهن. ان طرح سنڌ، پنجاب، يا انڊيا جتي بہ سروري جماعت آهي اتي ڏهر گهڻو ڪري فقير سائين جا ئي ڏنا ويندا آهن ۽ ڪين اهو شرف حاصل آهي جو جتي مرشد جو نالو اتي گڏوگڏ فقير جو نالو بہ شامل رهندو اچي ڏهر جي حوالي سان رسالو رهنمائي پهريون دفعو 1928ع ۾ ديوان جميعت راءِ ولد راءِ صاحب نارائڻ داس ۽ پرتاب راءِ ولد شامنداس پيرانيءَ وارن ڇپايو، جيڪي سندن معتقد هئا ۽ هن رسالي سان گڏ رسالو خدائي ۽ رسالو مرتضائي بہ ڇپايائون. ٻيو دفعو گهڻي عرصي ڪان پوءِ قبلہ طالب الموليٰ سائين جن جي اجازت ۽ دعائن سان حاجي غلام حسن درس مورهڏي تعلقہ ڪپرو واري 1984ع ۾ ڇپايو جيڪو سرور شاھ جو عقيدت وارو مريد ۽ فقير ولي بخش سائين جو صحبتي آهي ۽ حب وارو ماڻهو آهي وري ڪافي وقت ڪان رسالي جي کوٽ پي محسوس ڪئي وئي.

ان کوٽ جو پورائو سنڌي ادبي بورڊ وارن انتهائي خلوص سان ڪيو. ڪين جس هجي. آئون قبلہ مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جو انتهائي شڪرگذار آهيان جو سندن نظرِ عنايت رهندي آئي آهي رهندي اچي ۽ انشاءَ الله تا وقت رهندي. اسين جيڪي ڪجھ بہ آهيون. مرشد جي بي انتها نوازشن سب ئي آهيون. آئون قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جو مشڪور آهيان جو سندن رهنمائي اسان سان هر وقت رهي آهي ۽ رهندي. ان سان گڏ آئون قبلہ مخدوم نعمت الله سائين ۽ قبلہ مخدوم حبيب الله سائين جن جو بہ شڪريو بجا آڻيان ٿو، جو هن سڄي ڪم ۾ سندن ڀرپور ساٿ رهيو اميد تہ اهو ساٿ اڳتي بہ تا وقت رهندو. آئون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري اعجاز احمد منگي صاحب ۽ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو بہ مشڪور آهيان جو سندن ذاتي دلچسپيءَ سبب ئي هي رسالو جلد مڪمل ٿي سگهيو. آئون محترم گل

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

حسن درس جنرل سپروائيزر سنڌي ادبي بورڊ ۽ محمد صادق درس جو شڪريو بجا آڻيان ٿو هن سڄي ڪم ۾ سندن اڻٿڪ محنت شامل رهي. ۽ ڇپائيءَ جو ڪم وقت سر مڪمل ٿي سگهيو بورڊ جي جن به فردن جي محنت هن ڪم ۾ شامل آهي آئون انهن مڙنئي جو مشڪور آهيان ڪين جس هجي.

والسلام

**فقير محمد بخش 'ضامن'**
سجاده نشين درگاهه حضرت منٺار فقير
سائين عليه رحمة ڪاٺي تعلقه ڪپرو
27 ذوالقعد 1427هه، 19 ڊسمبر 2006ع اگارو
حبيب الله سائين جو بنگلو قاسم آباد حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# سوانح منٺار فقير راهڙ

منٺار فقير ولد قبول محمد ذات راهڙ تعلقہ کپرو ضلع سانگهڙ جي ڄمڻ جي صحيح تاريخ ڪانہ ملي سگهي آهي پر اهو معلوم ٿي سگهيو آهي تہ سال 1285 هجري مطابق 1865ع جي ڪنهن مبارڪ گهڙيءَ ۾ تولد ٿيو هو.

منٺار فقير جا وڏا اصل جيسلمير جا رهاڪو هئا ۽ پوءِ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. اهو دور ٽالپرن جو هو. انگريز دور ۾ حڪومت طرفان فقير جي وڏن کي ڪجهہ ٽڪرو زمين جو مليو ۽ اتي ئي پنهنجو ڳوٺ ناهي وينا. جنهن کي ڳوٺ ڪاٽي راهڙ سڏجي ٿو. فقير منٺار راهڙ پاڙو هاشم سان تعلق رکن ٿا. پاڻ ميان قبول محمد جا ٽيون نمبر فرزند هئا. پهريون پرچي ۽ ٻيو حافظ. حافظ بہ درويش صفت هو. اها روايت بہ فقير صاحب جن کان آهي. ميان قبول محمد کي پهرين ٻن پٽن کان پوءِ اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. حضرت قبلہ مرشد امين محمد سائين جن سفر تي ناري ڏانهن آيا. سندن دعوت ڪاٽي راهڙ ۾ هئي اتي مرشد سائين جن کي فقير جي والدين عرض ڪيو تہ قبلا ٻہ پٽ اڳ آهن ٽيون بہ عطا ٿئي. مرشد سائين جن وٽ ان وقت انب رکيل هئا جن مان هڪ انب سڄوءِ هڪ جو اڌ ڪين ڏيئي چيائون "مائي شينهڻ اچي هي ڏيڍ پٽ" قدرت سان منٺار تولد ٿيو ۽ ٻيو سندن ماسيءَ کي بہ پٽ ڄائو ۽ اها مائي پٽ ڄڻي گذاري ويئي ان ڪري ان کي بہ سندن والده نپائيندي هئي جنهن جو نالو جانڻ هو. ۽ اهو دستور ٿي ويو تہ هڪ ٽڻ فقير صاحب جن ڏائيندا هئا ۽ ٻيو جانڻ.

جڏهن فقير صاحب جن اٽڪل 15 يا 16 سالن جي عمر جا ٿيا تہ ٻڌائون تہ پکن وارا سائين راهوند تان اتي درگاهہ شريف هالا تي آيا آهن. پاڻ بہ زيارت لاءِ حاضر ٿيا. پکن وارن سائين جن جو خليفو هالن پراڻن جو هڪ سيد عبدالڪريم شاهہ هو. فقيرصاحب ان کي ذڪر لاءِعرض ڪيو پر شاهہ صاحب چيو تہ سائين جن هن وقت ذڪرڪنهن کي بہ ڪونہ ٿا ڏين. فقير صاحب شاهہ صاحب کي پنهنجو نالو ٻڌائي گذارش ڪئي. شاهہ صاحب جي اطلاع تي مرشد سائين جن فقير صاحب کي سڏايو. شاهہ صاحب خلافت ڪئي ۽ پکن ڌڻين فقير صاحب کي ذڪر ڏنو (ڪلمۂ طيبہ پڙهايو) جنهن تي سڄي جماعت فقير

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

پوءِ جا شاعري ڪيائون تہ سندن زبان پهريائين ڏهرچوڻ تي ڪُـلي، فقير صاحب جن فرمائيندا هئا تہ جنهن بہ وقت رات يا ڏينهن ٿورو گهڻو سمهندا هئا تہ اها ساڳي صورت جي زيارت نصيب ٿيندي هئي. جنهن ڪري سندن حال ڏينهون ڏينهن مستي ۽ مجذوبي تي وڃي پهتو. ۽ آخر ڪار مخدوم مرشد ظهير الدين عرف پرو چام سائين اسان تي سالڪائي جو حال وڌو جو پوءِ اسين سالڪن جي جماعت ۾ داخل ٿياسين. فقير صاحب 10 شوال بروز اربع سال 1358ھ مطابق 1938ع ۾ وصال ڪيو. سندن عمر ان وقت 73 ورهيہ هئي ٻي روايت مطابق سندن ولادت 1275هجري ۽ وصال 1353هجري ٿيو. ان حساب سان سندن عمر 78 ورهيہ هئي.

**فقير ولي بخش راڄڙ**

متولي منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ ڪپرو.

Gul Hayat Institute

4

وارث ولي بخش فقير جو سرور سوڀارو

قلزم قريشي جو آر اوڀارو

نرمل نوح فقير جو نافع نظارو

ورنَهَ وحدت وارو. وسيلو ولي بخش فقير جو

5

وسيلو ولي بخش فقير جو. سونهارو سرور

خنان همراهه هن جو. جيڪو پاڪ ڏٺي پرور

حضور حمايت حضرت جو. پيارو پيغمبر

پنجتن پاسو جنهن جو سوڀارو صدر

اعليٰ هو انور. واهه ولي بخش فقير جي

فقير ولي بخش سائين عليه رحمة جن 29 محرم الحرام 1403هه 4 ۽ 5 نومبر جي وچ واري رات ڇنڇر جي رات راهه رباني ورتائون ۽ سندن اڪيلو فرزند فقير ولي محمد سائين عليه رحمة جن درگاهه جا سجاده نشين ٿيا. پاڻ هميشه درگاه جي خدمت رياضت مهمانن جي خدمت ميلي جي انتظامن ۽ ٻين ڪمن ڪارين ۾ پنهنجي والد جي هر حڪم جي بنا دير پوئواري ڪيائون ۽ ساڻن ٻانهن ٻيلي رهيا. ايتري عقيدت سان جو پاڻ پنهنجي والد کي ڪڏهن بابا به نه چيائون هميشه فقير سائين چوندا هئا ۽ سندن سامهون انتهائي ادب سان رهندا هئا ۽ سندن هر خواهش جي تڪميل پنهنجو اولين فرض سمجهندا هئا. سندن جهڙو فرزند ڪنهن نصيب واري کي ئي ملندو. پاڻ پنهنجي والد جي وصال بعد ظاهر ته ڪاڪمي ڪانه ڇڏيائون سڀ ڪم درگاهه جي خدمت آيل مهمانن سان رهاڻ ميلو ڏهاڙا وغيره سڀ جيئن جو تيئن هلندا رهيا. پر ڪين ان فراق جو ايڏو اثر ٿيو جو پاڻ ان جدائيءَ کي برداشت ڪري ڪونه سگهيا ۽ فقط ڏيڍ سال کن جي قليل عرصي ۾ ئي تاريخ 25 رجب 1405هه 17 اپريل 1985ع بروز اربع تي رحلت ڪيائون ڪين اسين تي

فرزند هڪ آئون يعني فقير محمد بخش "ضامن"، ٻيو فقير لطف علي ٽيو فقير خادم علي ٿياسين. آئون اها پنهنجي خوشنصيبي سمجهان ٿو جو فقير ولي بخش سائين عليه رحمة ۽ انيڪ خوبين جي مالڪ بابا سائينءَ جن جي صحبت ۽ تربيت نصيب ٿي ۽ سندن ڪي قدر خدمت جو موقعو مليو. ڪاش! اهو موقعو وڌي ٿي ملي ها. سندم ولادت 25 سيپٽمبر 1967ع تي ٿي 18 سال ڪن جي ننڍي عمر ۾ ئي هن درگاهه جي ٻهاريءَ جو بارهن فقير جي ڪلهن تي پيو، اها ته قبلا مرشدنا طالب المولیٰ سائين جن جي خاص نظر عنايت ۽ چڻ سندن زنده ڪرامت ئي چئجي جو هتي درگاهه شريف جي هر روايت ميلو ڏهاڙا محرم شريف جا ڏينهن سومار شريف وغيره سڀ جيئن جو تيئن رهيا ڪاڪمي ڪانه ٿي.

مون اندازً 1989ع کان شاعريءَ جي باقاعده شروعات ڪئي. اها سعادت به نصيب ٿي جو شعر جي ڪافي حصي جو اصلاح قبلا طالب المولیٰ سائين جن ڪرڻ فرمايو ۽ پاڻ تخلص به عنايت ڪيائون. 'ضامن' جيڪو هاڻ شعر ۾ چاهي نالي سان شامل رکجي ٿو هن وقت تائين شعر ۾ ڪافي غزل، بيت، قطعا، مثنوي ۽ ڏهر لکيا اٿم هتي ڪتاب جي مناسبت سان پنهنجا ڪجهه ڏهر ۽ به ڪافيون ڏجن ٿيون.

ڏهر

جي هالن ڏانهن هلين ته سڪ جو ڪڻ ٿمر
لاهي ڪٽ ڪلمي ساڻ اُجا رج اندر
ساجهر هلي سيگهه مان وڃ تون وڪر
سرور شاهه صدر آهي ضامن ضعيفن جو

Gul Hayat Institute

2

آهي ضامن ضعيفن جو، سرور سوڀارو
هلي هالن ۾ ڏسو. سو ڪامل ڪرارو
مليو محمد بخش کي . اهو مرشد موچارو
جتي ترندو ترارو. اتي حامي ٿيندو هڪل سان.

Scanned with CamScanner

3

حامي ٽيندو هڪل سان. سخي سرور شاهه
ميٺي مشڪل مون سندا. اچي واهر ڪندو واهه.
سائين امين محمد اچي. ٽيندو هيٺي سان همراهه.
اصل ڪان ئي اسان تي. آهي سندس نوازنگاهه
آهي سو آگاهه. هر دم منهنجي حال کان.

4

سائين امين محمد پير آ. دل وڏيو دلبر
طالب مولي مرد جو آهي نور نظر
راضي مٿس رسول آ. سو پيارو پيغمبر
نرمل نوح فقير جي. آ مٿس نواز نظر
پيو پکن واري پير جو. آهي منجهس اثر
مرشد جنهن منار ڪي . ڏسيو الفت جو اکر
سا سرور سندي سگهه. اچي هتي ڏسو هر هر
اهو مرشد محمد بخش جو. آ سونهن ڀريو سرور
لهن غم گوندر . پسندي صورت پير جي

5

پسندي صورت پير جي. لٿا غير غبار
جنهن نظر ساڻ نوازيا. اپرا ڪيئن اپار
سي والي ولايت جا ٿيا. ڪيئن مرد مٺيا دار
جيئن مرشد جي هر محل ۾. آ مهر مٿي منار
سا سرور سندي سگهه. اتي هلي ڏسو هڪوار
سو مشڪل مڙئي مون سندا اچي ميٽيندو مهندار
ٽيندو حامي هر گهڙي. پارس سو پڳدار
آ مرشد محمد بخش جو. امين محمد اجار
سو سونهن ڀريو سردار. هلي حضرت هالن ۾ ڏسو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي

ٿل : - ہي جي ڪانہ ڪڏون پرواھ. ٽيجان ساٿين سرور شاھ
عيبن ڀريل سنڌئي آهيون. ڪر ڪانواز نگاھ.

1:- ڏڏ ڏوهاري ڏاڍا بيحد. ايرا جي آهيون.
حال حقيقت ڪين ذرو هت. توکان لڪايون.
معاف مڙئيئي ڪرتون اسان جون. ڪامل ڪچايون.
هر مشڪل ۾ هر دم هوئج. هادي تون همراھ.

2:- ميٽ مدايون مڙئي منهنجيون ڪم ڪير جي ڪچا.
هر اؤ ڪيءَ ۾ ٽيجئين حامي سرور شاھ سچا.
مرض مونجهارا ميٽج جيڪي. ڏکيا آهن ڏچا.
ڪين ڪا ظاهر آهي اسانجي . تو ذارا ہي واھ.

3:- قرض مرض سڀ ميٽج منهنجا هردم ٿي حامي.
مجين مون آهي اصل ڪان انهنجي در جي غلامي.
سائل سوالي در سنڌءِ تي. آهيون مدامي.
عزت سان گذرن ڏينهن اسانجا. رک پردو پوش پناھ.

4:- طاقت تر جي ڪانہ رهي آ. حال ٿيا هيٺا.
درد وڏي ٿيا دل جا آهن. ہيٺا ۽ ٽيٺا
ڪين ذرو آرام ڏين ٿا ڦڪيون ۽ ڦيٺا
حال سندم ڪان هادي هردم. آهين تون آگاھ.

5:- "ضامن" چئي هت پاند پنڻ لاءِ. پايو مون پازي.
سوال سمورا سٽجائين تون. عرض ڪير آزي.
نالي الله رسول جي صدقي. رهجان تون رازي.
سنڌءِ حب ۾ هن دنيا مان. پورا ٿين پساھ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

ڪان رهندي آئي آهي. ۽ خاص دعا ڪن تہ فقير جا ڪک قيامت تک شاد و آباد هجن. اسين ۽ اسان جو اولاد فقير جي ڪکن جا سچا ڀهاريدار ٿيون.۽ پاڻ سڀ سروري جماعت لاءِ دعا ڪن تہ سيني جو ذڪر ڍهر ڏانهن خاص لاڙو ٿئي. آئون مڙني اهل علم کي گذارش ڪندس تہ فقير سائن جي رسالن متعلق ڪي تجويزون هجن کي ڪميون رهيون هجن تہ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪن جيئن آئيندي ڇاپڻ ۾ خيال رکي سگهجي.

طالب دعا خادم الفقراءُ

**فقير محمد بخش ضامن**

ڀهاريدار درگاهہ حضرت منٺار فقير

سائين عليہ رحمة، ڪاٺي راڄڙ

p.o تعلقہ ڪپرو ضلع سانگهڙ سنڌ

0300 .3084432

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner




Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

ائين فرمائي هڪ هندو ٻانڻ جيڪو لوٽو کڻيو اتان مٿيو پي ان تي نظر وڌائون ته هن لوٽو ڇڏي مسجد جي منبر تي چڙهي وڃي آزان ڏني. اهو ڀاڙو غير مسلمن جو هو جن ٻه اها آزان ٻڌي سڀ ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيندا ويا اهو سڄو ڀاڙو مسلمان ٿي ويو.

هيءُ حقير قبلا مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائينءَ جن جي خدمت ۾ انتهائي عقيدت سان عرض گذار آهي ته قبلا سائين اسان سڄي سروري جماعت کي هڪ دفعو وري ان ئي نظر جي گهرج آهي، سائن اها خاص نظر عنايت ڪن ته جيڪي ٻه زنگيل دليون آهن سي صاف ٿي اڇيون اجريون ٿي پون. آمين.

وڄ وڏي ويساهه سين، ڪر سرور جو سومار،
آهي ان اولياءَ تي، پاڪ الله جو آر.
راضي مٿس رسول گهڻو، جو سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، پنجتن سندس پار،
تنهن مرشد جو منٺار چئي تون ديک وڃين ديدار
ته ڏسين ڪونه ڏڪار، جي در داتا جو نه مٽئين.

شال ملن منٺار کي، هڪ مرشد ٻيو رسول ٽيو رب،
ته ڇڻ مقصد مڙئي ٿيا، ڪليو سياڳ سبب،
آئون ته گهران ٿو ايتري، اها امداد عجب،
منگي مرشد ڪان منٺار ٿو، اهو مرداٿون مطلب،
جي ڪلمون چوير قلب، ته ڇڻ روح منهنجي رڄ ڪيو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ”سرور شاھ جي سگھ جو ليکو لکندو ڪير“

حضرت مرشد سرور شاھ جي نـوَ لکي گودڙيءَ جو گنج جماعت فقراءُ جو ليکو حساب لکڻ ٻڌائڻ جي حساب جي توفيق طاقت رکڻ جي مجال هڪ رب کي آهي ۽ ٻي پاڻ ڄاڻن ٿا.

عرض هيءُ آهي تہ فقير منٺار پنھنجي مرشد محبوب لاءِ جيڪا محبت من ۾ رکي پنھنجي راءِ کي ريجھايو تنھن وجي طالب جي تڙ کي تار ڪيو. انھيءَ تڙ کي بہ سروري سمنڊ جي نھر يا ندي چئجي تہ ڪا واڌ يا غير حقيقت نہ آهي. انھيءَ مان جيڪي سچيون سپيون ابر جي آب اوتجي ٻاهر نڪتا سي سروري فقراءُ لاءِ هر ضرورت يعني روحاني جسماني ديني دنيوي لحاظ کان فيض ۽ فائديمند ثابت ٿيا.

فقير جو ڪلام ڪافي، بيت، مرثيہ خواني، مولود ۽ ڏهر وغيره تي مشتمل آهي. ڏهر جو واسطو خاص سروري جماعت سان آهي، جو ذڪر سماع ۾ پڙهيو وڃي ٿو. جنھن لاءِ قبلہ مرشد عالي جناب حضرت طالب المولیٰ سائين جن پنھنجي مقدمي ۾ واضح ڪري هڪ عظيم سمجھاڻي عطا ڪئي آهي. فقير جي خدمت حاضري قبلہ مرشد سائين جن وٽ باجماعت فقراءُ سان شامل هئي. (سا واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا).

منٺار فقير جو پٽ پير بخش فقير سندس حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويو. جنھن کي ڏهر ڏيڻ تي عبور هو خاص ڪري سرڪار سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ اڪثر ڪري سفر ۾ صرف فقير پير بخش کان ڏهر چورائيندا هئا. فقير منٺار کانپوءِ سندن پوٽو فقير ولي بخش ان خدمت جو وارث ٿيو جنھن کي اها ورثي ۾ ملي.

فقير ولي بخش بہ ڪا ڪثر باقي نہ ڇڏي پاڻ بہ شعر و شاعريءَ جو شوق و ذوق رکيائون، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اڪثر فقير يا شاعر ٻيا ڪي اهڙا ماڻھو پنھنجي خانداني ورثي جا وارث بنجڻ کان پوءِ پنھنجي پاڻ کي ساراهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

فقير صاحب سندس ڏاڏي فقير منٺار جي درگاھ جي خدمت جيڪا ڪئي آهي سا دنيا وارن لاءِ هڪ معجزانہ طور عبرت آهي. ننگر خانو وسيع ڪري

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

آئون ناچيز سندُن دروازي جو غلام قبلہ حضرت مرشد طالب المولیٰ سائين جن کي سندن خدمت اقدس ۾ عاجزيءَ سان عرض ٿو ڪريان تہ پاڻ پنهنجي ڪرم نوازيءَ سان ڪل جماعت فقراءَ واسطي دعا خير جي ڪن ڀلاري نعت سان نوازين سدائين سندن دعائون آهن پر هڪ دفعو هن غلام جو بہ عرض حضور اقدس ۾ قبول پوي. جماعت مان ڪن اهڙن ماڻهن جي دنيا فاني مان لڏڻ جي ڪري خال محسوس ٿئي پيو خدا ڪري تہ هن وانگر مڪمل ڪن تہ ڪيڏا احسان ٿيندا.

سروري جماعت فقراءَ جو خادم

**سيد علي گل شاھ بخاري**

ڳوٺ ويڊل شاھ تعلقہ ڪپرو

ضلع سانگهڙ سنڌ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

رسالو رهنمائي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان پهريون حمديہ ڏهر.

(1)

اول نام الله جو، جو صاحب رب ستار،
پيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، سونهن وڏي سينگار،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، اچي نور ٿيو نروار،
نرمل نوح فقير جو، اچي اسم ٿيو اظهار،
تنهن دولهہ جي درگاهہ جو، مريد آهي منٺار،
پني ٿو پينار، پاڳا پرم ايمان جا.

(2)

اول نام الله جو، جو جل جلال جلشان،
پيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي عالم جو زمان،
چار ئي يار رسول جا، سونهن موچارو شان،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، اچي جاڳيو جنگ جوان،
نرمل نوح فقير جو اچي نام ٿيو نيشان،
منٺار بہ منگتو اُن جو، آهي پنٺ سڏائيندڙ پان،
ڌهرا ڏيندم دان، پاڳا پرم ايمان جا.

(3)

اول نام الله جو، جو رازق رب رحيم،
پيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي سيد پاڪ سليم،
چار ئي يا رسول جا، اعليٰ عزت عظيم،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، ٿيو پيدا نور نجيم،
تنهن پننڊڙ سپيئي پر ڪيا، جي سائل هئا سقيم،
سي گوهر ڪيا غنيم، هادي هدايت منجهان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(4)

اول نــام الله جــو، جــو صــاحب رب سميــع،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، نرمــل نــور نبيءَ،
ءِ چـارئي يـار رسـول جـا، جـان گهرينـدڙ جـيءُ،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، ٽيو ورنه وير وليءُ،
نرمـل نـوح فقيـر ٽيـو، ڪـامل قطـب ڪـويءُ،
منٺــار ٻـ منگتــو تنهنجــو، هــر دم پنـي هــيءُ،
تون ٻه تنهن جو طالب ٿيءُ، جنهن سوين شاهوڪار ڪيا.

(5)

اول نــام الله جــو، جــو بــاري بــي پرواهــ،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ ﷺ، آهي شافع شاهن شاهه،
چـارئي يـار رسـول جـا، جـن ديـن اجاريو راهــ،
منجهان اولاد حضرت ابابڪر صديق جي، هڪ دولهه ٽيو درياهه،
نرمـل نــوح فقيــر ٽيــو، اڪمــل اوليــاءُ،
قــائم تنهــن قريشــيءَ جي، دائــم آهـي درگاهــ،
منٺــار ٻـ منگتــو اُن جــو، تــو پنــي پــوش پناهــ،
شل پُڇيم ساه پساه، ڪلمي جيءَ ڪُنجي سين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان پيو ڪلمي جي ڏهرن جو

(1)

ڪلمون ڪنجي قلب جي، آهي لاءِ سڄي سنسار،
احمد اُمت ڪي چيو، اڙين جي آڌار،
تہ هيءُ ذڪر ذري ايمان سان، جي هوند پڙهو هڪوار،
تہ لهي وڃن لطف سان، جي هجن گناهہ هزار،
ڪلمون لا الہ الا اللہ محمد الرسول اللہ، اها پرين جي پچار،
منثار محمد مير تي، چوءِ صلواتون سوءِ وار،
ان اسمن جي آڌار، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

(2)

ڪلمون ڪنجي قلب جي، تہ دل جا ڪولي در،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سيني لاءِ سرور،
هي ذڪر ذري ايمان سين، جي هوند پڙهو هيڪر،
ڪلمون لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ، آهي سونهون منجهہ سفر،
تہ لهي ويندا لطف سان، ڏوهن جا ڏونگر،
منثار ماٺڪ اهڙو ڪڻ، قيمت منجهہ قبر،
اُن عمل جي آڌر، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

(3)

ڪلمو ڪنجي قلب جي، آهي سندو اسم اللہ،
احمد اُمت ڪي چيو، مير محمد شاهہ،
تہ هيءُ ذڪر ذري ايمان سان، جو پڙهندو منجهہ پساهہ،
تہ لهي ويندا لطف سين، توڙي گهڻا هجن گناهہ،
ڪلمون لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ، ان هلو ساڻ همراهہ،
منثار محمد مير تي، چوڻ صلوات آهي صلاح،
تہ وڃن اُجهامي آڙاهہ، تون بي خوفو وڃ بهشت ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(8)

چوءِ لا الـه الا الله، ڪلمون سندو ڪريم،
هت ڪو نـه رهندو ڪو ٻئو، ڏاران رب رحيم،
ڪل نفس ذائقة الموت، چيو الله پاڻ عظيم،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سيد پاڪ سليم،
تـه باقي نام الله جو، سندو اسم عليم،
ٻيا مايادار مننار چئي، ٿيندا لکين گم غنيم،
تـڏهين هردم ٿيو حليم، خاڪي مثل خاڪ جي.

(9)

چوءِ لا الـه الا الله، محمد رسول،
ايئن چئي ويو چاڳلو، مولي جو مقبول،
منجهان دل مننار چئي، ڪيو جن قبول،
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

(10)

چوءِ لا الـه الا الله، رمز رکي سان روح،
ذاڪر ذڪر تون پڙهج، ساجهر سنجهه صبوح،
جيئن مرشد چيو مننار چئي، تيئن ويٺو ڪر ورونه،
تـه حرمت حضرت نوح، وجي حاصل ٿئين حضور ۾.

(11)

چوءِ لا الـه الا الله، جيئن تو کي سرور سمجهايو،
سو حڪم چاڻج هيڪڙو، چڻ فائق فرمايو،
الا نسان سري و انا سره، ڪنهن ٻي نه ٻولايو،
مننار معني تنهنجي ڏس، دم دم دل لايو،
تـه ٻي رنگ بنايو، آهي آستانو انسان ۾.

(12)

چوءِ لا الـه الا الله، جيئن تو کي سمجهايو سرور،
سو حڪم چاڻج هيڪڙو، چڻ پاڻ چيو پرور،
انا احمد بلاميمي، نرتئون ڪر نظر،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

اُتي مرشد جي منٺار چئي، صورت تون سجاڻ،
وٽ اهو اثر اهڃاڻ، تہ ڏسين نظارو نور جو.

(17)

چوءِ الا الہ الا اللہ، ڪري دل ۾ دوڙ درق،
الدنيا جيفتاً و طالبها ڪلاباً، ڏي طمع کي ترڪ،
حضرت پاڻ حديث ڪئي، سو وچي ڏس ورق،
تہ طالب الدنيا مخنث، و طالب العقبيٰ مونث،
و طالب المولىٰ مذڪر، جنهن ۾ نڪو ڦير فرق،
مولىٰ گهرڻ منٺار چئي، آهي محبتين مرڪ،
جي ڪرين ٻيا غير دليل غرق، تہ مردن منجهان تون ٿئين.

(18)

مرد جي مولىٰ جا، سي انهيءَ رمز رهن،
باغ بهشت جا جنتون، ترڪ ڏنائون تن،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، تا سر پڻ صدقي ڪن،
طالب الدنيا مخنث، ڪر خلق ڦتو ڪدڙن،
طالب العقبيٰ مونث، اهو ڪر عورتن،
طالب المولىٰ مذڪرن، ٿيءَ مرد منجهان مردن،
سڄاڻج حرف حديث جو، ايءَ چيو محبوبن،
محبت ۾ منٺار تون، ڏج پساهہ پرين،
جيڪي انهيءَ اهڃاڻن، عاشق چئجي اُن کي.

## طلب جا ڏهر

Gul Hayat Institute

(1)

تو ملي مرشد ڪٿون منٺار چئي، اسم نام اللہ،
سو آهي آبِ حيات جو، منهنجي داتا وٽ درياہ،
سو ٿيئي امداد ايماندارن کي، ڪٽيو بخشي بادشاہ،
سو مان ٿيئي منٺار تي، سندس نواز نگاہ،
تہ هڏ چم منهنجو ماهہ، هوند پوءِ سمورو سون ٿئي.

Scanned with CamScanner

(12)

امداد گهران ٿو ايهڙا، تہ هجان حق جي منجهہ حضور،
ٻيا وسري وڃن وجود منجهان، نفسانيت ضرور،
واحد وسري ڪين ڪي، هجن دم ديداريءَ دستور،
اهي ڀاڳ نصيب ڀرپور، شال ملن منٺار ڪي.

(13)

شال ملن منٺار ڪي، هڪ مرشد ٻيو رسول ٽيو رب،
تہ ڄڻ مقصد مڙئي ٿيا، ڪليو سڀ ڀاڳ سبب،
آئون تہ گهران ٿو ايتري، ايها امداد عجب،
مڱي مرشد ڪان منٺار ٿو، اهو مرداڻو مطلب،
جي هوند ڪلمون چوي ۾ قلب، ڄڻ روح منهنجي رڄ ڪيو.

(14)

تہ ڄڻ روح منهنجي رڄ ڪيو، جي هوند نفس ٿئي نابود،
تہ پوءِ قلب ڪعبي کي ڪري، هوند سچاڻي سجود،
تہ هيءُ هو هتي هڪ ٿئي، وسري وڃي وجود،
پوءِ هر دم هادي حق ٿيئي، اُن منزل ۾ موجود،
اهو منٺاري جو مقصود، ڪامل مرشد من ڪري.

(15)

ڪامل مرشد من ڪري، منهنجا سڀ سجوڙا سانگ،
مون کي هوئي محبت موليٰ، سائينءَ ڏي طلب اندر ۾ تانگهہ،
۽ احمدي اسلام جي، شل منهنجو روح ڀرائي ٻانگ،
۽ شل سروري ٻہ سلوڪ جا، منهنجو اندر ڏي اوچانگ،
سو مون کي ڪامل ڪماليت ڏي، جنهن سان لنگهي وڃان سڀ لانگهہ،
پوءِ ٿئي فضل فيض فياض جو، تہ ٿئي سفر هڪ سورانگهہ،
هاڻي منٺار محابي تنهن مقرب جي، اها منگي ٿو مانگ،
تہ سرها ٿينم سانگ، جي هت هت حاصل حق ٿيئي.

(16)

جي هت هت حاصل حق ٿيئي، هوئي دم دم منجهہ ديدار،
تہ منهنجو سيڪوئي پساهہ پر ٿيئي، جي ٿا چون چوويهہ هزار،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

تہ آهي هن طالب کي، توحيد ۾ اهو لقاءِ اسرار،
من الله کري امداد، سو آئون آهيان اُميدوار،
پڄي ان مقصد کي منٺار، حرمت حضرت نوح فقير جي.

(17)

حرمت حضرت نوح فقير جي، ڏنيون ڏاتيون لک ڏاتار،
محابي تنهن مقرب جي، ڪئين پر ٿيا ٿيا پينار،
وٺي ماڻڪ اڻ ميا، ۽ مرڪئيا منگٽهار،
سي هيمياٽيون حاصل ڪري، ٿيا سوين شاهوڪار،
پُڄنديون مرادون منٺار، ساڻ سفارش سرور شاهہ جي.

(18)

ساڻ سفارش سرور شاهہ، جيڪي وٽس ٿيا وزير،
کي محابي مقرب جي، ٿيا فنا في الله فقير،
کي ٿيا مرشد مريدن، جا پارت موجب پير،
ڪن کي حرمت حضرت جيءَ، مليا پٽ پوٽا ۽ ڪير،
کي دنيا ۾ دولت مند ٿيا، عزتن دار امير،
جيڪا سک سنديس سچ سير، سا مان ملي منٺار کي.

(19)

مان ملي منٺار کي، بقا واري بات،
جنهن ۾ حاصل حياتي ٿيئي، ۽ لهي مرڻ وڃي ممات،
مُوتُو قبل ال اَنتَ مُوتُو اها بشارت بقات،
جتي مرد مولیٰ سين ٿين ٿا ذات ۾ گڏجيو ذات،
سا مان ملي منٺار کي، تنهن ڏات وٽئون ڏات،
لا تقنطو من رحمت الله، اهو آڳاڌو آيات،
وٺ واحد وصالت، مان ٿيئي منٺار جي.

(20)

مان ملي منٺار کي، راحت روحاني،
ٻن جنهن ۾ راضي ٿو رهي، نفس نقصاني،
سا بہ ڪم جي آهي ڪين کي، غذا جسماني،

Gul Hayat Institute

۽ روح راضي جنهن ۾، سا لذيت لاٿاني،
اها احساني، مان ٿيئي منٺار تي.

(21)

مان ٿيئي منٺار تي، سندو فضل فيض فياض،
تہ منهنجي اندر ۾ سندس اسم جا، هوند عشق ڪري آواز،
لنءَ لنءَ ۾ رباب رباني هجن سر انهن جا ساز،
پوءِ جيئن راضي راءُ ڪنگهار ٿيو، رکي منگتي ساڻ مجاز،
۽ ڏنو سر ڏياچ هو، ڪيائين سوالي سرفراز،
جيئن شاهہ محمود مقربي ڏني، ۽ ٻانهي ڪي آياز،
جيئن توہ تماچي ٿي ڪيو، ڏسيو نوري جا نياز،
منهنجو تہ منهن منٺار چئي، آهي اگلو بي انداز،
تيئن ڪنهن رخ موچاري راز، من وٺان پنهنجي ور ڪي.

(22)

جي وٺان پنهنجي ور ڪي، تہ سندم ٿئي سهاڳ،
شال محابي مرشد جي، ۽ سبتو ٿئي سياڳ،
منهنجي خلوت خاوند سين، ٿين هوند رس رهاٽيون راڳ،
تہ معافي مڙوئي ٿيئي، هوند لهڻون ڏيئون لاڳ،
اهو ڪنهن نکٽ ساڻ نصيب ٿيئي، تنهن معشوقيءَ جو ماڳ،
سو اهڙو بلند ڀاڳ، مان ٿيئي منٺار جو.

(23)

مان ملي منٺار ڪي، سهاڳ سرڪاري،
شل وارث پنهنجي ور ڪي، آءٌ وٺان ويچاري،
مثل معشوقڙيءَ جي هجان، پنهنجي پرين وٽ پياري،
تہ ڪاڻ خرچ خوراڪ جي، هوند مليم اختياري،
جي پارس سان پاسو لڳي، تہ ٿيان سون سچي ساري،
تہ آءٌ وڏي ڀاڳ واري، جي اچان پسند پنهنجي ور ڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(24)

جي اڇان پسند پنهنجي ور ڪي، تنهن وارث ڪي وڻان،
تہ سوغاتون سهاڳ جون، خوش ٿي هوند ڪٽان،
۽ ڳهڻان هار ڳچيءَ ۾، سي پايو گهمان گهڻان،
جنهن مالڪ منجھ مڻان، تنهن شل پسند پارس ڪي اڇان.

(25)

جي پسند پارس ڪي اڇان، تہ ٿيان هوند نسورو ئي نور،
تنهن لطف لائق جو ٿيئي، ۽ فضل جو دستور،
محابي مقرب جي، آءُ مان ٿيان منظور،
تہ مرڪان محلاتن ۾، جي هوئي حاصل سندس حضور،
جو ڪل مقصد جو مور، سو مان ملي منٺار ڪي.

(26)

مان ملي منٺار ڪي سو حقيقي محبوب،
جو مور مڙني مقصدين، سو موچارو مطلوب،
تہ اها ڪل امداد ڪان، آهي خاصيت خوب،
پوءِ شاهہ ڪلمون چوي قلوب، لا اله الا الله محمد رسول الله.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(10)

هل سرور جي سومار تي، جتي دائم دين،
راضي رسول جنهن تي، احمد ڄام امين،
سرور لقب سردار جو، ٿيو سجاده نشين،
مج تنهن کي منٿار ڇئي، آڻي دل يقين،
جو محمد مرشد موڪليو، ڪري غوث العالمين،
ڇو گذارين غمگي ن، وڃ تہ واصل تون ٿئين.

(11)

هل سرور جي سومار تي، جتي نرمل نوح نواب،
آهي صاحب شريعت جو، منجهہ عالمن اَرباب،
سو سرور ساره جهڙو، آهي ماڻهن ۾ مهتاب،
معافي مڙوئي ٿئي، جنهن جي حرمت ڏوهہ حساب،
اهڙوئي آفتاب، ڇو نہ مڃي منٿار ڇئي.

(12)

وڃ وڏي ويساه سان، هالن ڏانهن هلي،
تہ راضي پاڻ رسول ٿئي، ۽ محمد مير ملهي،
پنج تن پاسو تنهن جو، ڪري عنايت علي،
اُن جي محابي منٿار ڇئي، ڪئي وڏي دعا ولي،
پوءِ پيئين ڇو نہ پلي، ڇائنٽ نرمل نوح جي.

(13)

وڃ وڏي ويساه سان، هلي هالن ڏانهن،
تہ مولو مهربان ٿئي، اڳو رب الله،
راضي پاڻ رسول ٿئي، مير محمد شاه،
چارئي يار رسول جا، ڪنئي پشتي پوش پناهہ،
پنجتن پاسو تنهنجو، ۽ حضرت شاه همراهہ،
مرڻ ويل منٿار ڇئي، جڏهن پڇندو سنڌ پساه،
تڏنهن ملڪ محابي تنهنجي، وري سولو نيندءِ ساه،
پوءِ اهڙو اولياءَ، پلو ڪوهہ نہ پيئين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(14)

وج وڏي ويساهه سان، هلي هالين هاڻ،
هر دم حضرت نوح وٽ، آهي سندي رسول رهاڻ،
جنهن محمد جا منٿار ڇئي، آهيون اُمتي پاڻ،
وڃجي تنهن وليءَ ڏي، ساجهر سنجهه سياڻ،
ٻيو ڇڏي ٻولو ٻاڻ، ڪوهه نه قريشي ٻيٽئين.

(15)

وج وڏي ويساهه سان، آهي هالن منجهه حضور،
ٿو وسي تنهن وليءَ تي، سندو نبيءَ نور،
سرور مثل سمونڊ جي، سدا ساnوڻ پور،
جتان لکين رڃي لعل ٿيا، برڪت مان پرپور،
موليٰ ڪيئي منٿار ڇئي، مقصد سڀ منظور،
پوءِ ذرو ناهه ضرور، وري وڃڻ ٻيءَ ولايت ڏي.

(16)

وج وڏي ويساهه سان، ڪر سرور جو سومار،
آهي اولياءَ تي، پاڪ الله جو آر،
راضي مٿس رسول، گهڻو جو سيني جو سردار،
چارئي يار رسول جا، ۽ پنجتن سندس پار،
تنهن مرشد جو منٿار ڇئي، تون ديک وڃي ديدار،
ته ڏسين ڪونه ڏڪار، جي در داتا جو ٻيٽين.

(17)

مج منهنجي پير ڪي، جو سرور سونهن سين،
اَمر ساڻ الله جي، جنهن ڪي مڃيو آهي ملڪن،
رضا ساڻ رسول جيءَ، جنهن ڪي نميو نانگ نمن،
تنهن حضرت نرمل نوح جي، آهي عبرت منجهه اين،
تون وٺ تلقين تنهن جي، ته ڇٽين ڪان ڇيهن،
جي لڳا پلئه تنهن پير جي، آهن وڏا طالع تن،
سي مرڻ وقت منٿار ڇئي، ٻي ڪوسي ڪانه پسن،
سمجهي ساڻ ڪنن، رک حب هالن ڏٽيءَ ڏي.

(18)

مج منهنجي پير کي، تون سمجهه ڪر سعيو،
شينهن سلامي جنهن کي، تا نمن سر نايو،
تنهن حضرت نرمل نوح تي، آهي رب سندو رايو،
منٺار چوي مرشد پاڪ کي، موليٰ مرڪايو،
پيو وڄائي وايو، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(19)

مج منهنجي پير کي، پيون وايون سڀ وسار،
ڪنجون قريشيءَ هٿ ۾، ڏنيون رب سندي سرڪار،
تڪي سير سمنڊ جي، جتي ترت وهندي تار،
اُتي ٻه آسيئڙن کي، اچي پير اُڪاريندو پار،
اهي سيئي ڪم سرور شاهه کي، آهن الله ڏنا اختيار،
تون رک نظر راڄڙ چوي، ڪٽي اُپٽي نيڻ نهار،
پيو ڪم ڇڏي سڀ ڪار، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(20)

مج منهنجي پير کي، جو سرور سوڀارو،
آهر ساڻ الله جي، تيو ڪامل قرارو،
اُپ ستين آسمان ۾، آهي جنهن جو نغارو،
تون وٺ تلقين تنهن جي، آهي مرشد موچارو،
سو مهند ٿي منٺار چئي، اچي ڪنڌ ڇوٽڪارو،
سمجهي سوارو، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(21)

مج منهنجي پير کي، جنهن جا ڏيهه مڙيئي ڏاني،
مورهون ناهي ملڪ ۾، ڪو سرور جو ثاني،
جنهن تي آر الله جو، آهي رايو رباني،
مٿس راض رسول جو، جو حبيب حقاني،
تون وٺ تلقين تنهن جي، ڇڏي شوق شيطاني،
اُن مرشد ريءَ منٺار چئي، پيا فيض مڙيئي فاني،
ظاهر باطني، رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(22)

مج منهنجي پير کي، جو نرمل ڏٺي نيل،
جنهن کي مالڪ ملڪ ڏنو، سچي رب جليل،
تون ناءِ متو منٺار چئي، وجي اڳيان تنهن اصيل،
ٻيا لاهي دل دليل رک، حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

(23)

سٺو سمجهو ڳالهڙيون جي چڱايون چئجن،
مرشد ڏي منٺار چئي، جي سچي سڪ رکن،
تئي نہ سوڙ سڪرات جي، ڪا اوکي اُن شخصن،
ملڪ تن مردن ڪان، پڇاڻون نہ پڇن،
سختي سج سورج جي، لڳي نہ تڙڪو تن،
ءُ ٻچي دوزخ دور تئي، آڳ نہ اوڏي اُن،
ڪارڻ قريشيءَ ڄام جي، لکين لک ڇٽن،
ڪلمون جي ڪهن، اُهي ڇٽندا ايمان سان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان پنجون

## سومارن جي ڏهرن جو

(1)

سرور جي سومار تي، اچن پير فقير،
سيد اچن سادات ڪئي، صالح سرت سڌير،
حاڪم اچن حب مان، ڪئين اڪابر امير،
ادب نوڙت نياز سان اچيو، ڪن زيارت سرور پير،
دعا پنن درگاهه مان، اڪنڊ ساڻ اڪير،
تان پرور سڀ پوريون ڪري، ڏيو دلاسا دلگير،
هاڻ آئون ٻه منگان منٺار چئي، ڏج پٽ پوٽا ۽ کير،
يا منا مرشد مير، اهي پڇن مردادون من جون.

(2)

سرور جي سومار تي، اچن جنگ جوان،
ادب نوڙت نياز سان، اچيو پٽ سڏائين پان،
ساجهر صبوح سماهه ۾، هلڪا ڪن هوڳام،
دعا پنن درگاهه مان، دهرا گهرن دان،
تان رب گهڻو راضي ٿئي، الله منجهان احسان،
هاڻي آئون ٻه منگان منٺارچئي، مون کي دهرا ڏيارج دان،
سرور پير سجان، پڇن مرادون من جون.

(3)

سرور جي سومار تي، جيڪي جوان اچن،
سي درس اچي درگاهه ۾، ڪنهن چڱي رنگ رچن،
شرَ ۽ شيطان کان، بيشڪ سي بچن،
سرور سان سچن، مون کي گڏج منٺار چئي.

(4)

سرور جي سومار تي، اچن وير وريام،
ادب نِوڙت نياز مان، اچيو چاڪر ٿين غلام،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

سرور جيءَ سماهہ ۾، اچيو هلڪا ڪن هو ڳام،
دعا پنن درگاهہ مان، ونيو ڏٽيءَ جو نام،
تان رب گهڻو راضي ٿئي، ڏسيو سرور سندي سام،
تڙڪو تن شخصن تي، ڪونهي ڏينهن قيام،
ڪج مهر منٺار ڇئي، عالم جا امام،
منٺا مرشد ڄام، پڄن مرادون من جون.

(5)

سرور جي سومار تي، آيس آس ڪري،
ادب نوڙت نياز مان، پرتان پير پري،
تہ من سندم منٺار ڇئي، ڪنهن سوليءَ واٽ وري،
صحبت شال سري، منٺي مرشد پاڪ جي.

(6)

سرور جي سومار تي، اسين اڄ آيا،
ادب نوڙت نياز سان، اڇي پاند ڳچيءَ پايا،
محبت جي منٺار ڇئي، ملائج مايا،
منهنجي روح سندا رايا، تنهنجي صحبت ۾ سچا ڪرين.

(7)

تو در آيو آهيان، آس ڪري آسي،
سڪي ساهہ پساهہ ٿو، اندر اُداسي،
سا معلوم اٿئي منٺار چوي، گهوٽ منٺا غازي،
ٿيءُ روح منجهان راضي، تہ پڄن مرادون من جون.

(8)

تو در آيو آهيان، پير پري پرتا،
تہ جيڪي هون منهنجي حق ۾، اڪر جي اُبتا،
ميٺي سي منٺار چوي، سرور ڪج سبتا،
نظر ڪر نرتا، تہ پڄن مرادون من جون.

(9)

سيوا سرور پير جي، جي قرب منجهان ٿا ڪن،
سي هت بہ هون سنرا، مهند بہ ٿا مرڪن،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

ڦريا سي ڦر جي ويا، اُهي ڪافر ڪونجن،
هوندا هاويءَ وچ ۾، آهي تهمت متي تن،
يا موليٰ مننار چوي، مون کي محبت ڏيارج من،
يا مالڪ مخلوقن، منهنجو ڪج صدق صديقيءَ پير ڏي.

(10)

سيوا ڪر سرور جي، تہ تئين موچارو،
هت بہ هجين سنرو، منجهہ قلب قرارو،
ڦريا سي ڦرجي ويا، اُن جو منهن ڪارو،
هوندا هاويءَ وچ ۾، اُن تي ملڪ ڪندا مارو،
سرور سويارو، متان متين مننار چوي.

(11)

سيوا سرور پير جي، منجهان قرب ڪريج،
اها متان محبت متئين، ڪو دل ۾ ڏيان ڌريج،
ڦريا سي ڦرجي ويا، تنهن ٽوليءَ ڪان ٽريج،
قابو قلب ڪريج، پنهنجي مرشد سان مننار چئي.

(12)

سٺي منهنجا سڏڙا، اچي حضرت ڪندو حمات،
رحم جي راڄڙ چوي، اچي پلي ڪندو برسات،
گڏيندو هن گوليءَ کي، ۽ سنديس ساڻ جماعت،
ڪلمون منجهان وات، چئو تہ چڱائي ٿئي.

(13)

سٺي سوالين سڏڙا، اچي لهندو سار سين،
ڇڏائيندو چيئن ڪان، توهہ ڪري سان تن،
مرڻ ويل مننار چئي، اچي مرشد بيهندو من،
لنگهائيندو لکيون اچي، حضرت سان هٿن،
ڪلمون جي ڪهن، اوءِ، چٽندا ايمان سان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان ڇهون

## مخدوم امين محمد جي تعريف جا ڏهر

(1)

سٽي منهنجا سڏڙا، سائين امين محمد ايندو،
ڪئين دلاسا دل کي، اچي ڏي وڏا ڏيندو،
مرڻ ويل منٺار چئي، اچي وسيلو ٿيندو،
هيءُ نماڻي نيندو، پلئه لائي پنهنجي.

(2)

ميان امين محمد اُجرا، دلبر دل جا يار،
پلين خاوند خلقيون، پاڪ پروردگار،
توکي نر نوازيو، عالم جي سردار،
تون پاڪريل پنجن تنن جو، سائين ڏيهه ڏٺي ڏاتار،
توکي دعا دستگير جي، ميان ملڪ ڏٺي مختيار،
تنهنجي مدد محمد ڪارڻي، ۽ چگا چارئي يار،
ڪج مهر منٺار سان، دلبر ٿيج مَ ڏار،
آهين وڏي آڌار، ڪنڌي ڏينهن قيام جي.

(3)

ميان امين محمد، اُجرا سگهه پريا سرور،
پلي خاوند خلقيون، پاڪ ڏٺي پرور،
توکي نر نوازيو، ڏيهه ڏٺي ڏاتر،
تون تني جو پاڪريل، آهي جني مٿي چادر،
اُتر ڏٺيءَ اُجاريو، ڪوڙ منجهان قادر،
ڪر مهر منٺار سان، ميان نمن ڏٺي نر،
ڪامل تنهنجا ڪَرَ، مولئي مٿاهان ڪيا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(4)

ميان امين محمد اُجرا، تون پيرن ۾ پڌرو،
مشعل ملڪن ۾، آهين سرور سوجهرو،
ڪامل تنهنجي قدرت جو، ناهي پار پرو،
مرشد ساري ملڪ ۾، تون چنڊ چوڏهينءَ وارو،
توتي رب راضي ٿيو، پيو محمد موچارو،
ڪج مهر منٺار تي، جتي ترندو ترارو،
اُتي ورائيج وارو، تہ محشر مرڪندو ٿيان.

(5)

ميان امين محمد اُجرا، تون معرفت ماٽي،
توتي رب راضي ٿيو، جو ڏاتر ڏيهہ ڏٺي،
تو کي نر نوازيو، محمد مهر هٽي،
محب منا منٺار چئي، سرور ٿيءُ ساٽي،
پيارج پاٽي، اوکي اُجارن کي.

(6)

ميان امين محمد اُجرا، سڀاجها سائين،
تنهنجو سوالي آهيان، سي عرض بہ اونائين،
ملامتون منٺار چئي، ڪنهن لطف سان لاهين،
آسرو آهين، ڪنڌي ڏينهن قيام جي.

(7)

ميان امين محمد اُجرا، دل وٽيا دلدار،
طلب تنهنجي اٿم، گهڻي سڪ سردار،
منٺار چئي منهنجا پرين، تون پيرو ڪج پتار،
تون نہ وسرين يار، مون نہ وسارج ولها.

(8)

ميان امين محمد اُجرا، دل وٽيا دلبر،
طلب تنهنجي اٿم، آڪنڊ منجهہ اندر،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

منٺار چئي منهنجا پرين، اچي سار لهج سرور،
تون نہ وسرين ور، مون نہ وسارج ولها.

(9)

مياںَ امين محمد اُجرا، سخي شاهن شاھ،
تون بحر خدا جو بادشاھ، ڏر منجهئون درياھ،
ڪئين نوازيئي ڪيترا، نظر ساڻ نگاھ،
ڪر مهر منٺار سان، يا سچا سرور شاھ،
دليون پير داناءِ، سڻج منهنجا سڏڙا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner



حضرت مخدوم محمد زمان صديقي و قريشي (خامس) بن مخدوم محمد امين، "امين" سائين، سجادہ نشين درگاہ سرورِيہ حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة
(ولادت: 1 جمادي الاول 1278ھ - وفات: 28 رمضان 1331ھ)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان ستون

## ميان محمد زمان وٽ ڏهر

(1)

ميان محمد زمان منهنجا، پرين سڻ سوال سڪٿاري،
تون هلي شير شڪار ڪر، نرمل ڏانهن ناري،
مهراڻون منٺار چئي، تو ڪي سرور تو ساري،
وسيلا واري، ڪر نظر نوازڻ جي.

(2)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، تي هيٺن سان همراهه،
مدد تنهنجي مصطفيٰ، ۽ حامي حضرت شاهه،
هلي شير شڪار ڪر، تون نرمل ناري ڏانهه،
موهر جا منٺار چئي، وڻ ٽڻ چوندا واهه،
اڳرو ڪريئي الله، ڪر نظر نوازڻ جي.

(3)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سائين،
نرمل ناري ملڪ تي، تون واڳون ورائين،
هيءَ مهراڻون منٺار چئي، مرشد مرڪيائين،
اڳڻ آسيڙن جي، شل پير اچي پائين،
آسرو آهين، ڪر نظر نوازڻ جي.

(4)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سڻ سائل جا ٻه سوال،
نرمل ناري ملڪ تي، تون رک خان خيال،
موهر سان منٺار چئي، ڪر پلايون پال،
لائق پريا لال، ڪر نظر نوازڻ جي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(5)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، پيڙهيءَ ڏٺيءَ پاڳ،
نرمل ناري ملڪ تي تون وار وسيلا واڳ،
موهر جا منٺار چٺي، اڇي بخت چڱا ڪر ڀاڳ،
سرور سندم سياڳ، ڪر نظر نوازڻ جي.

(6)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سلطان،
تون ناري ۾ نج آئين، ڪرم ڪري احسان،
هيءُ مهراٺون منٺار چٺي، اڇي خوش وسائي خان،
منهنجي اندر جا ارمان، اڄ دوست ڏٺي ڏک دور ٿيا.

(7)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سردار،
تون نياري ۾ نج آئين، ميان اڙين جا آڌار،
هيءُ مهراٺون منٺار چٺي، اڇي مرڪائي مهندار،
منهنجي دل جا غم غبار، اڄ دوست ڏٺي ڏک دور ٿيا.

(8)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سگهه پريا سرور،
تون ناري ۾ نج آئين، وارث منهنجا ور،
هيءُ مهراٺون منٺار چٺي، اڇي نوازئي نر،
منهنجيءَ دل جا غم گوندر، اڄ دوست ڏٺي ڏک دور ٿيا.

(9)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سائين نور پريا نوري،
تون ناري ۾ نج آئين، حضرت حضوري،
منهنجي من گهري منٺار چٺي، اڇي پير ڪٺي پوري،
منهنجي من جي معموري، اڄ دوست ڏٺي ڏک دور ٿيا.

(10)

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سائين ڪامل قطب ڪبير،
تون ناري ۾ نج آئين، سائين وارث منهنجا وير،

منهنجي من گهري مننار چئي، اچي پچائي پير،
سندا سور سرير، اچ دوست ڏني دک دور ٿيا.

(11)

بسم الله پلي تون آئين، منهنجي جيءَ سدا جاني،
منهنجو سکيو ساھ پساھ ٿي حبئون حيراني،
تنهنجي منهن ڏني مننار چئي، ويئي اندر ارماني،
سرور سبحاني، ڪر نظر نوازڻ جي.

(12)

بسم الله پلي تون، آيون دل سندا دلبر،
منهنجو سکيو ساھ پساھ ٿي، هئي اڪنڊ منجهه اندر،
تنهنجي منهن ڏني مننار چئي، غم لٿا گوندر،
سرور پير صدر، ڪر نظر نوازڻ جي.

(13)

بسم الله پلي تون آيون، شڪر الحمد الله،
منهنجو سکيو ساھ پساھ، ٿي هو اڪنديو ارواح،
تنهنجي منهن ڏني مننار چئي، لٿو غير گناھ،
امن ڏيئي الله، ڪر نظر نوازڻ جي.

(14)

بسم الله پلي تون، آيون دل سندا دلدار،
منهنجو سکيو ساھ پساھ، ٿي دلبر تو ڪان ذار،
تنهنجي منهن ڏني مننار چئي، گوندر ويا غبار،
سرور شاھ سردار، ڪر نظر نوازڻ جي.

(15)

بسم الله پلي تون آيون، منهنجا منا مرشد لال،
منهنجو سکيو ساھ پساھ ٿي، ڪارڻ تو جمال،
من سندا مننار چئي، سائين سٽيم سوال،
پلا ڪري پال، ڪر نظر نوازڻ جي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(16)

محمد زمان پير سان، مدد محمد مير،
هيو حامي حضرت شاهه هو، ۽ ڏاڏس نوح فقير،
مدين کي منٺار چئي، تڙي ڪيئون تغير،
دشمن ٿيو دلگير، سرور سوڀارو ٿيو.

(17)

محمد زمان پير جو، نگهبان الله،
هيو مدد محمد مصطفيٰ، حامي حضرت شاهه،
مدعين جو منٺار چئي، رد خدا ڪيو راهه،
ٿيا دشمن دوزخ چاهه، سرور سوڀارو ٿيو.

(18)

محمد زمان پير سان، مدد محمد جام،
هيا چارئي يار رسول جا، جن دين اُجاريو اسلام،
حسن مير همراهه هوا، ۽ حامي حسن امام،
۽ مدعين جو منٺار چئي، ڪٽي نبيءَ وڄايو نام،
ڪافر ٿيا قتلام، سرور سوڀارو ٿيو.

•

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان اٺون

# مخدوم ظهير الدين جي تعريف جا ڏهر

(1)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٻڌي دين سندي دستار،
مذهب محمديءَ ڪي، ڪڍي الھ ڏني آڌار،
شريعت شعاع ڪيو، اُجري انهيءَ وار،
طريقت تازي ٿي، ڪيا حقيقت هيڪار،
معرفت منتار چڙهي، ڪيا مرڪي ميگھ ملهار،
سرور شاھ سردار، اهي منزلون موڪليون.

(2)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو والي ولايت،
اصل آهي اُن ڄام سان، قادر جي قدرت،
اجاري اڄي ڪيائين، شافيءَ جي شريعت،
طريقت تازي ٿي، ڪيو حسن حقيقت،
مرڪائي منتار چڙهي، منزل معرفت،
سيڪا سرور شاھ ڪي، ٿي نصيب نعامت،
سو ڪامل ڪندو ڪن ٻين ڪي، حضرت هدايت،
ملندو فيض فقراھ ڪي، تنهن ڀلي جيءَ برڪت،
مهندا محشر ماڳ ۾، جتي ٿيندي قائم قيامت،
اتي ٿيندي ساجهر شفاعت، صديقين جي سپاھ تي.

(3)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ويٺو مسند مٿي مور،
منجھ قلب منتار چڙهي، ٿيو ذڪر جو زور،
تابش طالبن تان، ويو شيطاني شور،
ويئي دلگيري دل تان، هينئڙي مٿان هور،
مليو امل اتور، پلئه لڳندي پير جي.

Gul Hayat Instutute

Scanned with CamScanner

(4)

مِيان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو شاهن جو پڻ شاهه،
تنهن اجاريو اسلام کي، جو هو رسولي راهه،
سو حضرت هدايت جو، درس آهي درياهه،
ٻيا سوين سانگ سمونڊ مان، تا نڪرن ندي ڏانهه،
ٻيون ڪسيون ڪوريون ڪيتريون، ٿو روهي سيڪو واهه،
تيئن منجهه قلب منٺار چئي، اچي جاڳيو اسم الله،
لتو غير گناهه پلئه، لڳندي پير جي.

(5)

مِيان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو دائم درست دين،
آيو مرشد ملڪ ۾، غوث العالمين،
سو مهند ڪيو منٺار چئي، احمد ڄام امين،
ڇو گذارين غمگين، وڃ تہ واصل تون ٿئين.

(6)

مِيان ظهيرالدين ظهور ڪيو، آهي گاديءَ متي گهوٽ،
ٿو واهه وحدت جو وهي، چڙهندو چوٽا چوٽ،
تنهن شهر بحر آباد ڪيا، واهڻ وسيون سڀ ڳوٺ،
سو رعيت جو راڄ چئي، ٿيو قريشي ڪوٽ،
تنهن مرشد ريءَ نہ موٽ، وڃ تہ واصل تون ٿئين.

(7)

مِيان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ٿيو والي ولايت،
اجاري اچي ڪيائين، شافيءَ جي شريعت،
بانگ صلوات نماز ڏي ٿي، ماڻهن کي محبت،
ٿيو زور ذڪر جو، نوري نيامت،
سروريءَ سماهه جي، ٿي ٻها ۽ برڪت،
تنهن مرشد سان منٺار چئي، آهي رسول جي رحمت،
تنهن حضرت جي حرمت، ملڪ موچارو ٿيو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(8)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، ويٺو مسند مٿي مير،
سو حقدار حضرت ابابڪر صديق جو، ورثي وارو وير،
ڏاڏو جنهن جو شيخ شهاب الدين، ڪامل قطب ڪبير،
مائٽ مڪمل جنهن جو، نرمل نوح فقير،
سرور لقب جنهن جو، ۽ محمد جو وزير،
سو امين محمد گهوٽ جو، پٽ پاڳارو پير،
صحيح صديقي سلڇڻون، ڪٽي الله ڪيو اڪسير،
سو مرشد آهي مننار جو، دست بہ دستگير،
اهڙو پير امير، هلي حضرت هالن ۾ ڏسو.

(9)

ميان ظهيرالدين ظهور ڪيو، سڀ اولياءَ جو اظهار،
مائٽ مڪمل جنهن جا، نرمل نور نبار،
اولين سن ۾ حضرت ابابڪر صديق، هو والي وڏو يار،
ڇهين سن ۾ شيخ شهاب الدين هو، قطبن جو ڏاتار،
نائين سن ۾ نوح فقير هو، سرور شاهہ سردار،
تيرهين سن ۾ طالبن جو هو، امين محمد اُجار،
چوڏهين سن ۾ چاڳلو ٿيو، ڇام پريل پڳدار،
نيامتون نصيب جنهن کي، تيون شاڪر ڪئون شمار،
لکڻ اخلاق عادتون، آهي مڙني ۾ موچار،
تهدل طالب تنهنجو، آهي مداحي مننار،
سو ڪامل ڪلادار، هلي حضرت هالن ۾ ڏسو.

Gul Hayat Institute

(10)

حرف حقيقت هيڪڙو، جان ڪيو مطالع مون،
ڪلمون لا اله الا الله جو، هو جان پڙهي پروڙيو سون،
تہ ريءَ خدا ٻيو ناهہ ڪو، جنهن کي چوان ڏون،
آءُ پڻ آهيان ڪو نہ ڪو، تون رب آهين تون،
مننار پنهنجي من مان، ماري ڇڏج مون،
عرش آسمان ٻون آهي، هو نگہ مڙيائي هيڪڙي.

Scanned with CamScanner

## داستان نائون

## سائين مخدوم غلام محمد جي تعريف جا ڏهر

(1)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، جنهن جو امين محمد نام،
پيو والد ولي جنهن جو، ميان پارس پريل چام،
آئون تہ اصل کان آهيان، گولو سندن غلام،
چئي کلمين جو کلام، مون کي صديقين سمجهايو.

(2)

آهي پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، جنهن مون کي هو ڏنو فيض فقير،
پيو سندس والد ولايت جو ڏٽي، آهي تنهن پٽ پاڳاري پير،
ٽيون پاڻ بہ آهي اولياءُ، نورانيءَ تصوير،
ٿيون خوشيون شاديون کير، اڄ مون اڱڻ منٺار چئي.

(3)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، کامل کرارو،
پيو والد ولي جنهن جو، آهي پارس پاڳارو،
تنهن غلام محمد گهوٽ ٿي، اچي نوازيو نارو،
پيو من تان مونجهارو، ويو مريدن جو منٺار چئي.

(4)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، دولت جو ڏٽي،
همياٽيون هالن مان، آيو خزانا کٽي،
ڏاتار ڏيندو تنکي، هوندي جن کي گهرج گهٽي،
اها ورچ ملي ويساه کي، جنهن جي قيمت کوڙ کٽي،
جنهن کي طالب جي ٽٽي، تنهن کي ماٽک ملن منٺار چئي.

(5)

آيو پوٽو پکن ڏٽيءَ جو، جيکو محمد جو امين،
آهي نسب نوح فقير جو، جيکو غوث العالمين،
ءُ والد وليءُ جنهن جو، آهي ميان ظاهر ظهيرالدين،

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner



مخدوم غلام محمد قريشي ۽ صديقي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

داستان ڏهون

## پير ميان غلام حيدر جي تعريف جا ڏهر

(1)

بسم الله يلي ڪري آيو، پٽ پاڳاري پير،
سهسين سرهايون ٿيون، خوشيون شاديون ڪير،
درد دوڪا دور ٿيا، سدا سور سرير،
من اندر منٿار چئي، ٿي دلڙيءَ ڪي دل ڏير،
وٺندا فيض فقير، غلام محمد گهوٽ ڪان.

(2)

بسم الله يلي ڪري آيو، نسب نوراني،
پٽ پاڳاري پير جو، ۽ صورت سبحاني،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جي، آءُ ٻانهوٽي ٻانهي،
ماٺي شل منٿار چئي، جڳ ۾ جواني،
ويئي اندر ارماني، پسندي صورت پير جي.

(3)

بسم الله يلي ڪري آيو، هيءُ مرد موچارو،
والد ولي جنهن جو، آهي پارس پاڳارو،
تنهن غلام حيدر گهوٽ، هي سڀ نوازيو نارو،
مهراڻو منٿار چئي، ٿيو سياڳو سارو،
لٿو مونجهارو، قلب قريشي نئون ڪيو.

Gul Hayat Institute

(4)

بسم الله يلي ڪري آيو، سروري سلطان،
پٽ پاڳاري پير جو، خوب صورت خان،
هر دم هجي حيات سو، شل جيئي جوڙو جوان،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جي، آئون قدمن تان قربان،
منٿار ٻـ منگتو ان جو، پٽ ڳائيندڙ پان،
دل جو دين ايمان، اچي نوحاٽي نئون ڪيو.

Scanned with CamScanner



مخدوم غلام حيدر صديقي و قريشي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(5)

بسم الله پلي ڪري آيو، سو هالن منجهان هاڻ،
ڪلمون جنهن جي قلب ۾، آهي سانجهر سنجهه سياڻ،
ڪو نيڪ نصيبن سين، ملي ٿو اڄ انهيءَ اهڃاڻ،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جي، آهي صحبت منجهه سرهاڻ،
مر مرڪئون منٺار چئي، سو پير پسندي پاڻ،
لٿي ڪنگالن ڪاڻ، ڏسندي منهن ڏاتار جو.

(6)

بسم الله پلي ڪري آيو، سومرد مٽياندار،
نسب نرمل نوح جو، منهن منور موچار،
پٽ پاڳاري پير جو، سونهن پريو سالار،
تنهن غلام حيدر گهوٽ تان، آئون صدق ٿيان سؤ وار،
مر مرڪي منٺار جو، آيو صديقي سلڇڻون.

(7)

بسم الله پلي ڪري آيو، منهنجو اکين آسا بند،
جنهن تي آر الله جو، خوش راضي خاوند،
مٿس راض رسول جو، جو مير مٿو محمد،
تنهن غلام حيدر گهوٽ جو، آهي راهه شريعت رند،
سو دائم قائم دين تي، جو پيءُ ڏاڏي جو پنڌ،
مون چيو منٺار چوي، شڪرانو الحمد،
سرهو ٿيم سَند سَند، جو آيو صديقي سلڇڻون.

Gul Hayat Institute

(8)

بسم الله پلي ڪري آيو، قريشي ڪامل،
پيءُ ڏاڏي جي پير تي، ۽ شريعت سين شامل،
عقل اڪابر امير، سو علم جو عامل،
منٺار منگتو ان جو، ناليرو نامل،
سو تابع تامل، دان گهري ٿو دهرا.

Scanned with CamScanner

(9)

غلام حيدر گھوٽ تي، راضي رب الله،
ٻئو مير محمد مصطفيٰ جو، شافي شهنشاهه،
ٽي واهر وڏي يار جي، چوٿون حضرت علي همراهه،
پنجي نواز نوح فقير جي، جنهن جو دائم آهي درگاهه،
ڇهون امين محمد گھوٽ جو، آهي پردو مٿس پناهه،
ستون بابس ظهيرالدين جو، آهي نظر نواز نگاهه،
منٺار ٻه منگتو ان جو، آهي سوالي سنجهه صباح،
سولو ٿئي من ساهه، ملڪ مهابي ان جي.

(10)

ميان غلام حيدر گھوٽ، تون سڻ منهنجو سوال،
آئون اوهان جو آهيان، ڪيرت دار ڪوال،
دعا دين ايمان جي، منٺار گھري تو مال،
ڀيو ٻه سندم حال احوال، پرنج پنهنجي رب کي،

(11)

ميان غلام حيدر گھوٽ، تون عاليشان امير،
تون نسب نرمل نوح جو، کنڊ مصري جيئن کير،
منهنجي پارت پارس کي، ڪجان جيڪو ڪامل قطب ڪنبير،
من راضي ٿئي راهوند ڏٺي، مون تي پکن وارو پير،
موٽي سو منٺار کي ڏي، من فيض فقير،
آهي وقت آخير، شل لڄ پت لوئي جي رهي.

●

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان يارهون

## ڏهر مرشد صاحب سائين غلام محمد جي مسافريءَ جا

(1)

حضرت هالن مان چڙهيو، مرشد موچارو،
غلام محمد گاديءَ نشين، پارس پاڳارو،
آيو رستي ريل جي، ڪامل قرارو،
اڳ لشڪر لٿل بوچڙاهه تي، هو سپاهه سندس سارو،
هي مهراڻو منٺار چئي، اچي نوازيائين نارو،
سو فيض وڏي وارو، آيو وارث وريل شاهه وٽ.

(2)

وارث وريل شاهه وٽ، آيو سرور شاهه سلطان،
وڏايائين وريل شاهه جو، شاهي شرف ۽ شان،
مليس املاڪ عزت جي، ۽ ملڪ سڄي ۾ مان،
پوءِ مرشد مهربان، حضرت چڙهي هسوار ٿيو.

(3)

حضرت چڙهي هسوار ٿي، منجهه انڙن آيو،
جوٽيجو جوان جڙي پيو، جتي پير پرينءَ پايو،
پوءِ سيد ساجن شاهه کي، ڪيو سائينءَ سجايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، آيو مرشد مير خان شاهه وٽ.

(4)

مرشد مير خان شاهه وٽ، آيو قريشي ڪامل،
ٽنڊي منا خان ۾، اچي لٿو اڪمل،
عالي شير شاهه جي اولاد کي، ٿو نوازي نرمل،
ان جون ڪري مرادون حاصل، خوش ڪيائين خان محمد فقير کي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(5)

خوش ڪيائين خان محمد فقير ڪي، جنهن تي داتا نظر ڌري،
تہ ميلو مرڪندو مندان مند، جتي بحرم شير بري،
وٺي دان دعا جو، وڃ واڳهين ڏانهن وري،
پوءِ پاڻ اتان اسري، سرور چڙهي سوار ٿيو.

(6)

سرور چڙهي سوار ٿيو، ڪيائين ڪوڙي ۾ خاصخيلي خوشحال،
آيو مرشد مولائي وٽ، سٺي ان جو سوال،
سائين غلام محمد غريبن سان، تو ڪري پلايون پال،
پوءِ لائق پريو لال، آيو مرشد مُور هَڏي ۾.

(7)

مرشد مُور هَڏي ۾، آيو پرمَلُ پير پري،
دعا درس عبدالله ڪي، تو قريشي ڪري،
چنگل پوٽا چگا ٿيا، ٿي ان جي پت پري،
پوءِ دليئون خيال ڌري، آيو جوڙڻ جُهيليءَ ڪي.

(8)

آيو جوڙڻ جُهيليءَ ڪي، سرور شاهہ سردار،
جتي ولد ويڌل شاهہ جو، ٿيو بقادار بهار،
قائم شاهہ ڪي قرب سين، تو ڏاتيون ڏي ڏاتار،
پوءِ حضرت ٿي هسوار، آيو وارث وڪئي پوٽن ۾.

(9)

آيو وارث وڪئي پوٽن ۾، سٺي عرض سندن آزي،
سائين غلام محمد غريبن تي، اچي رهبر ٿيو راضي،
دعا ڪيائين درسن ڪي، سي پرچي ٿيا پازي،
جا آهي نرمل نوازي، تنهن آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان.

(10)

آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان، احسان سندس اهڙا،
جتي دونهون اگيئي دکايائين، قرب ڪري کهڙا،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

جتي سڀ ڪنهن سهائي سومار تي، ٽين مجمع ۾ ميڙا،
اهي وسائي ويڙها، رهبر رونجهن ڏانهن چڙهيو.

(11)

پوءِ رونجهن کي راضي ڪري، وري حضرت ٿيو هسوار،
اڳڻ اسان جي آيو، سرور شاهه سردار،
مُرڪي هيءُ مڪان ٿو، ۽ مرڪي ٿو منٺار،
ڪيو سرور شاهوڪار، سو مرڪي مير حسن ٿو.

(12)

مرڪي مير حسن ٿو، جنهن جا ٿيا اوطارا آباد،
هجي امن ۽ امان ۾، اسان جو اولاد،
درد دوڪا دور ٿين، هجن شاديون ۽ دلشاد،
پوءِ انهين جو اعتقاد، هجي قائم قريشيءَ پير ڏي.

(13)

قائم قريشيءَ پير کي، ٻيا ٻہ وسهن جي ويساهه،
تنهن پيراٽي جي پيڙ وئي، ٿيو آجو عبدالله،
سمر سجوڙا ٿيا، ساجهر سنجهه صباح،
اڄ سانباهي آهہ وري، ڪاٽيءَ مان ڪپري ڏي.

(14)

ڪاٽيءَ مان ڪپري ڏي، چڙهيو پارس پاڳارو،
مهماني مختيارڪار ڪئي، اتي ڪيو ڊول پرينءَ ڊارو،
نبي بخش نيڪ بخت جو، ٿيو سبتو سٽارو،
شاديون ٿيون ان شهر ۾، هنڌ هنڌ ھاڪارو،
اتان نر هٽي نارو، آيو ڪامل ڪُور ٽريءَ ۾.

(15)

ڪامل ڪور ٽريءَ ۾، اچي پير پرينءَ پاتا،
مريد مخدوم نوح فقير جا، منهنجي سائينءَ سڃاتا،
سڀ ڀلاٽي برادر ٿيا، ڪم ۾ ڪمائتا،
اُن کي دان ڏيئي داتا، آيو نوازڻ نانگنين کي.

(16)

آيو نوازڻ نانگنين کي، تا سونهن سابئاٽي،
فقير محمد جي فرزندن جو، اچي پيتائين پاٽي،
اولاد ابهندي فقير جو، ٿيو همت پريو هاٽي،
پوءِ وري سرور ٿيو، ساٽي ڪيٽيءَ ۾ ڪنبير سان.

(17)

پوءِ ڪيٽيءَ مان ڪنبير ڪان، آيو ورنهن ويرُ وري،
دعا جي نظر دائماڻين تي، اچي داتا پير ڏري،
محمد حسن مرڪيو، آهي ان جي پت پري
ساعت ٿي سيئي، ڌُهري ڏلاٽين جي.

(18)

دلاٽي دهرا ڪري، چڙهيو غلام محمد گهوٽ،
حضرت حاجي ڪانيوءَ جو، هلي ٿيو قريشي ڪوٽ،
محمد هاشم مرڪيو، جنهن جو ٿيو اجهو اڪمل اوٽ،
درياءَ دعا جو پلٽيو، چڙهندڙ چوٽان چوٽ،
اتان پيران اڻ موٽ، آيو سرور سهونجيءَ ۾.

(19)

سرور سهونجيءَ ۾، اچي پير پرينءَ پايا،
اڳڻ آسيئڙن جا، ٿيا سبتا سجايا،
پوءِ مير بَحرَ منٺار چئي، منهنجي مرشد مرڪايا،
رکي رحمتي رايا، آيو رهبر رني ڪوٽ ۾.

(20)

آيو رهبر رني ڪوٽ ۾، سرور شاهه سلطان،
مرد مير بحرن ۾، ٿيو جاني جڙي جوان،
مرشد ڪان منٺار چوي، مليو انهن کي ايمان،
پوءِ ٿي مڪمل مهربان، مرشد چڙهيو متوڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(21)

مرشد آيو مٿوڻ ۾، ٿي کنڊ مصري ۽ کير،
حضرت حبيب الله کي، کيو سيرو ۽ سڌير،
سڀ چانهيا چڱا ٿيا، جن کي ڏنو فيض فقير،
پوءِ اتان پارس پير، ڊولڻ ڊيپي ڏي چڙهيو.

(22)

ڊولڻ ڊيپي ۾ آيو، ۽ کل جو سريو ڪاڄ،
حامي ٿيو حافظ سين، جتي راڄڙن جو راڄ،
جيئو بلندو جوان ٿيا، ڏاتر ڏنن ڏاج،
محراب متارو ٿيو، اڪمل ڪيس علاج،
پوءِ سانوڻ سان سرتاج، پاڙ پرين پرڇي پيو.

(23)

پاڙ پرين پرڇي پيو، سرور شاهه سلطان،
رونجهي تي راضي ٿيو، مرشد مهربان،
لال محمد کي لائق ڪري، ڏنو اولياءَ ايمان،
ڪميٽو ڪفران، حضرت هٿائي ڇڏيو.

(24)

حضرت هٿائي ڇڏيو، ڪميٽو ڪفار،
پوءِ چڙهي هليو چاڳلو، ڏاڪٽان ڏي ڏاتار،
خان ميربحر خوش ٿيو، جتي آيو مرشد مٺياندار،
محمد يعقوب مرڪيو، ٿيو بنجي باغ بهار،
سو رئيس رسائي پيو ڪري، ٻڌيو ڪمر قربدار،
پوءِ اتان رڪي آر، سرور چڙهيو سگهه ڏي.

(25)

سرور اچي سگهه ۾، ميرلُ مرڪايو،
ايمان جي اعتقاد ۾، الهڏنو آيو،
تن ماڇين وٽ منٺار چئي، پير پرينءَ پايو،
پوءِ رڪي رحمتي رايو، چڙهيو چانيسريءَ ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(31)

اڇي جوان جنجهين ڪي، ڏات ڏني ڏاتار،
مرشد موچارا ڪيا، ڪاڪا قربدار،
پوءِ سرور سواري ڪئي، موچاري مهندار،
سرور شاهه سردار ڪيو، سائينءَ ڏنو سهاڳ ۾.

(32)

ٽيو سائين ڏنو سهاڳ ۾، جنهن ڊريو ڇڱو ڊارو،
اڇي لٿو ان وٽ، منهنجو مرشد موچارو،
جي ڪيائين ستائون، سهٽيون سو اُجريس اوطارو،
پوءِ پارس پاڳارو، الهڏتي وٽ آيو.

(33)

الهڏتي وٽ اڇي، لٿو سرور سوپارو،
دودو پٽ حاجيءَ دلوُ جو، ڪيو مرشد موچارو،
پرتو پنگواڻن سان، سو پارس پاڳارو،
لٿو سڀ مشڪل منٺار چئي، گوندر غم سارو،
ڪري سبتو ستارو، پوءِ چڙهي چٺوڙيءَ ڏي هليو.

(34)

چڙهي چٺوڙيءَ ڏي، هليو سرور سنڌ والي،
خليفي خير محمد جي، اڇي عزت ڪيائين عالي،
پيرل فقير پر ٽيو، سو مرڪيو موالي،
ان ڪي ڪري خوشحالي، پوءِ چڙهي چٺوڙي مان هليو.

Gul Hayat Institute

(35)

چڙهي چٺوڙيءَ مان هليو، ڪيائين سنڌڙيءَ ڏي سعيو،
پارس پير محمد وٽ، پير اڇي پايو،
لائق پير لونگ جو، اڇي ويڙهو وسايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، چڙهيو وارث ولواريءَ ڏي.

Scanned with CamScanner

(36)

آيو وارث ولواريءَ ۾، ٿيو سادي جو سياڳ،
تنهن راڄڻن جي راڄ جو، آهي بخت پلو ٿيو ڀاڳ،
انهن تان احسان سين، لهي ويو سڀ لاڳ،
سو مَرُ مَرڪي ماڳ، جتي مرشد اچي مننار چئي.

(37)

جتي مرشد اچي مننار چئي، سي شڪر ٿيا دلشاد،
چڙهي چندن ۾ آيو، ڏانهن نرمل نئين آباد،
مَهَر موچارا ٿيا، هو منگهن منجهه مراد،
پوءِ اسان جي استاد، وري وساڻن تي وڙ ڪيو.

(38)

وساڻن تي وڙ ڪيائين، جتي پيرواريءَ جون ناريون،
ميئين غلام محمد ان غريبن ۾، اچي ڪي گهڙيون گذاريون،
الهڏني عيساڻيءَ جون، مجيون اولياءَ آريون،
سي مهلون موچاريون، جڏهن جوڙيائين جمعت راءِ ڪي.

(39)

پوءِ جوڙيو جمعت راءِ ڪي، ميئين غلام محمد گهوٽ،
ٿيس مراد مننار چئي، آيو اولياءَ جي اوٽ،
سو نڪت پٽ نارائڻ داس جو، وينل ٻيرانيءَ ڳوٺ،
آيس تاثير تارا چند جو، پڌرو سان پالوٽ،
ٿينديون نديون پئدا نوٽ، انهين ديوانن جي دهن مان.

(40)

ديوانن جي ديهه مان، هليو ڪامل پير ڪهي،
شوقعون شير جي ڳوٺ ۾، آيو وارث رير وهي،
ٻروچن تي ٻاجهه ڪري، ٻيو راول رات رهي،
پوءِ صبح جو سنبهي، حضرت هالن ڏي چڙهيو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(41)

حضرت هالن ڏي چڙهيو، فقير جو فيض درياهہ،
اڇي ورتائون شاهي رستو، شهدادپور کان ٿي هليا هالن ڏانهن،
شمس جيئن شعاع ڪري، ڄڻ چنڊ چوڏهينءَ ماهہ،
اتي آيو استقبال لاءِ، سندس شهزادو شاهہ،
ميون الهہ بچايو ادب سين، آيو پاءِ امراهہ،
ميون غلام محي الدين غماز سان، آيو تعظيم ڪرڻ تيلاهہ،
پوءِ لطف ساڻ اچي لٿو، منجهہ بنگلي بادشاهہ،
شاديون ٿيون سڀ شهر ۾، ۽ سرهو سندس سپاهہ،
ميون غلام محمد جيئن گهري، تو ڪري ايئن الله،
شڪر الحمد الله، ٿيو هالن ۾ حج اڪبري.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان ٻارهون

# ڏهر مرشد سائين محمد زمان
# طالب الموليٰ جي منزلن جا.

(نوٽ: ان وقت سائين مخدوم طالب الموليٰ جن شاعري ڪونہ ڪندا هئا.)

(1)

آيو سائين محمد زمان، موهر ۾ ڦهريون دفعو پير،
سو صحيح صديقي سلڇڻو، ڪڻي الله ڪيو اڪثير،
سو نرمل نوازيندو اچي، وهڻ وسئون سڀ وير،
سو آيو پلي ٻوڇڻانهہ تي، ڪامل قطب ڪبير،
۽ ڏئي ٿو فيض فقير، والي وريل شاهہ کي.

(2)

سو والي وريل شاهہ کي، ٿو ڏئي دعا جو دان،
مليس گهڻو منٺار چئي، مرشد وٽان مان،
عزت ۽ ٻيو آبرو، ڏيندس جڳ جهان،
اچا پڻ احسان، ڪندو سرور ان سيد سان.

(3)

سرور گڏجي ان سيد سان، آيو پنيهل تي پير،
جوڙيائين جوڙيجن کي، سي ٿيا کنڊ مصري ۽ کير،
راضي ٿيو راڄڙ چئي، ميرل متي مرشد مير،
اتان پير امير، ٿيو راضي راهب شاهہ تي.

(4)

ٿيو راضي راهب شاهہ تي، سروري سلطان،
سيد ساجن شاهہ کي، مليو امن امان،
مشڪل لٿا منٺار چئي، آهي اهڙو ٿيو احسان،
جنهن جو نالو محمد زمان، سو اچي لٿو لائيوريءَ تي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner



400 سال قديم گودڙي شريف
جا حضرت "طالب المولىٰ" کي پهريل آهي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(5)

اڇي لٽو لائيوريءَ تي، ڪٽي هادي هدايت،
لائق لال خان تي، ڪئي انور عنايت،
مليس گهڻي منٺار ڇئي، برڪت بشارت،
وري هالن جي حضرت، ڪئي مهاڙ مير خان شاهه ڏي.

(6)

ڪئي مهاڙ مير خان شاهه ڏي، صديقي سلطان،
اڇي لٽو لائق ڪري، منجهه ٺندي مٺا خان،
جتي خوب ڪيون ٿي خدمتون، جيئندل شاهه جوا ن،
هاٽي دين دنيا ۽ دولت جي، هوندين ڪمي ڪانهه،
صاحب رب سبحان، ڪيا مٺاهان منٺار ڇوي.

(7)

ڪيا مٺانهان منٺار ڇوي، حرمت حضرت نوح،
سڀ مريد موچارا ٿيا، دل تان لٿن دونهن،
وري واگهين ڏي هليو، سرور سين سونهن،
ساجهر اڄ صبوح، خوش ڪيائين خاڻ فقير کي.

(8)

خوش ڪيائين خاڻ فقير کي، ڪيائين ڪوڙيءَ کي خوشحال،
مليو گهڻو گنج گلڻ مواليءَ کي، محبت سندو مال،
مسڪينن سان منٺار ڇوي، تو لائق ڪري لال،
ڪري پلائي پال آئيو، جوڙڻ جهيليءَ کي.

Gul Hayat Institute

(9)

آيو جوڙڻ جهيليءَ کي، جتي سيد بقادار،
ٿيو سدائين سکيو، قائم شاهه قرار،
مشڪل لٿا منٺار ڇئي، لٿو ڏول ڏڪار،
صديقي سردار هليو، وارث وڪئي پوٽن ڏي.

Scanned with CamScanner

(10)

هليو وارث وكئي پوڻن، ڏي ڇامن سندو ڇام،
ٿيو راضي رحمت الله تي، جو غريب سندس غلام،
مسكينن كي منثار چوي، عمدو ڏنائين انعام،
ڇئي كلمي جو كلام وڃي، مليو پير مريد حسين كي.

(11)

ملي پير مريد حسين سان، سرور ٿيو سوار،
آيو مور هڏيءَ ۾ منثار چوي، مرشد مٺيادار،
كيائين امداد عبدالله درس سان، سو ٿيو شاهوكار،
كامل كلادار، چڙهيو نرمل ناںگني ڏانهن.

(12)

آيو نرمل ناںگني ۾، اچي رهيو رات،
هاٺي صابواٺي سڀ، سڌريا ٿيا فقيراٺي ذات،
انهن كي ايمان جي، ڏاتر ڏني ڏات،
پرهه ڦٽي پريات، هليو مرشد مهر عليءَ وٽان.

(13)

مرشد مهر عليءَ وٽان، كئي سرور سواري،
بيشك پلاٺين تي، كيائين مهر موچاري،
جتي حضرت جي حضور ۾، ٿيا حكم برداري،
دولهه دريا خان سان، كئي سرور ستاري،
پوءِ سنبت تياري، محمد زمان كئي محمد حسن ڏانهن.

Gul Hayat Institute

(14)

سائين محمد زمان محمد حسن جون، كيون جنتي جايون،
دعا ساڻ دائماٺين جون، ٿيون ساعتون سجايون،
محمد يوسف تي مرشد جون، آهن بيشك پلايون،
ٿوراءُ وني رايون، دلي جون دلجان سان.



Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(15)

ڪري دعا دلائين ڪي، حضرت ٿيو هسوار،
مرشد محمد هاشم ڪي، آيو ڏات ڏيڻ ڏاتار،
حاجي ڪانيوءَ حاجي صحب آيا حج ڪري، لٿن غير غبار،
انهن کي ڏي ايمان جو اعتبار، چڙهيو سرور سهونجي ڏئي.

(16)

چڙهيو سرور سهونجيءَ ڏي، جتي جيئڻ جمعون جوان،
هلي لٿو لائقن پريو، ڪري انهن سان احسان،
مرشد مهرباني ڪري، ڏنا دعا جا دان،
پوءِ صديقيءَ سلطان، ڪئي هٽونگي ڏي هلڻ جي.

(17)

هلي هٽونگي ۾، لٿو پيرل سائين پاڻ،
جسُ جانيءَ مير بحر کي، جنهن ۾ ايمان جا اهڃاڻ،
تنهن کي حب حضرت نوح فقير ڏي، آهي تن ۾ تاٽو تاڻ،
سڀ ميربحر منٿار چوي، ڪيا آهن سرت سڃاڻ،
هاٽي سرور سمند مهراڻ، ڪئي پالوٽ پهڻ ڏي.

(18)

ڪيائين پالوٽ پهڻ ڏي، جي صحب[1] سڪ وارو،
ڏهر چيو ڏاتيون گهري، ڪري اولياءَ وٽ آرو،
ملي ويس منٿار چوي، مقصد موچارو،
ٿيو سبتو ستارو، بچلائين جي ڀاڳ جو.

(19)

بچلائين سان ٿي پلائي، وريو صحب سندو ڀاڳ،
معاف ٿيس منٿار چوي، ڏيٺولهٽو لاڳ،
جتي ڪلا قريشيءَ هنيان، سو مليو ڳنس ماڳ،
جنهن کي سرور جو ڏنل سهاڳ، تنهن آيو ڪاٽي ۾ خير سان.

---

[1] چانهيو فقير

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(20)

آيو ڪاٽيءَ ۾ خير سان، جتي راڄڙ اسماعيل،
اهڙو طالب تـوَڪلي، ڪو ڪو هوندو قليل،
اتي دونهون اڳ دکائي ويو هو، اڪمل پير اصيل،
اتي بيگ بـ برادري ڪئي، پوءِ لتس درد دليل،
اچي واهر ٿيو وسيل، بيشڪ بانئيريءَ ۾.

(21)

بيشڪ بانئيريءَ ۾، وٽ اوپائي آيو،
پوءِ وارث وليداد ڪي، مرشد مرڪايو،
پوءِ ٿي هدايت هارون ڪي، جتي اچي پير پرينءَ پايو،
پوءِ رکي رحمتي رايو، آيو پيرل پيراڻي وٽ.

(22)

پيرل پيراڻي جي، اچي ٿيو وسيلو واهر،
سيئي ڪم سڌريا، جي الله جي آهر،
سرور جي ساراهـ جا، ڏيندا جي ڏاهر،
ان کي اندر ۽ ٻاهر، حب حضرت نوح فقير جي.

(23)

حب حضرت نوح فقير ڏي، آهي مير حسن جي من،
حافظ ۽ پرچي بـ انهيءَ حب ۾، شل هميشان هجن،
نور محمد بـ نيت سان، هلندو ڏانهن هالن،
سي مرشد سائينءَ جي مال جون، تا خوب خدمتون ڪن،
تن سچن مريدن، سرور ٿو ساٽي ٿئي.

(24)

سرور ٿو ساٽي ٿئي، ساڻ مداحيءَ منٺار،
جنهن کي حب حضرت نوح فقير جي، تن ۾ هجي تار،
شل هجي حب حضرت حسين رضہ جي، منجهہ وجود جي وار وار،
يا پاڪ پرور دگار، اهي آسون اميدون پڄائين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(25)

اهي آسون اميدون پڄائين، منهنجن پوٽن پڙ پوٽن،
سي سدا هجن سنرا، ۽ جڳ ۾ شال جيئن،
۽ اميدون اولاد جون، ۽ شاديون اکين ڏسن،
۽ هجن هدايت پريا، منجهان مومنن،
ڪلمون ساڻ قلبن، چون چڱيءَ نيت محمد مير تي.

(نوٽ: سائين مخدوم طالب المولىٰ جن جنهن وقت مذڪور سفر ڪيو ته ان وقت هجري سال 1352 هو.)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

داستان تيرهون

# ڏهر سماع جا

(1)

چئو تون اسم الله جو، ذڪر دليئون زبان،
فذ ڪروني اَذڪر ڪم، فرمايو فرقان،
منٺار معنيٰ تنهن جي رک، دم دم منجهه ڌيان،
وسهي ساڻ ايمان، واحد تون م وسارجان.

(2)

چئو تون اسم الله جو، ۽ ذڪر سندو ذات،
صم بکمُ سي ٿيا، جي وائي ڪن نه وات،
اي راڄڙيا ڏينهن رات، واحد تون م وسارجان.

(3)

چئو تون اسم الله جو، وايون پيون وسار،
قول قالوءَ جي ڏينهن جا، احد اُهيئي پار،
مُوتُو قبل انت مُوتُو، ماري جيءَ جيار،
تون تون جي تند توار، منٺار پنهنجي من ۾.

(4)

چئو تون اسم الله جو، ذاڪر رکي يقين،
ونحن اقرب ويجهڙو، اتئي الله عالمين،
دل سين مڃج دين، محمد جو منٺار تون.

(5)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، طالب پڙهن تون،
مئي مارج منٺار تون، من ۾ نه آڇ مون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اتي اور الله سين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(6)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، هوُ هوُ تون هلاءِ،
هستي هڻڻ وجود جو، واجب اٿئي وڃاءِ،
پير پروڙي پاءِ، متان منجهين منٺار تون.

(7)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، طالب تون تنوار،
تہ جانب توکي جيءَ ڇئي، ساجن سيکھين وار،
تہ مان ٿئي منٺار، جي هوُ هوُ هنيئي سين پڙهين.

(8)

هوُ هوُ ٻولي حق جي، ڇتاري ڇئيج،
جيڪا راهہ رسول جي، تهين واٽ وهيج،
ڪلمون پاڪ ڪهيج، محمد تي منٺار تون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان چوڏهون

## نصيحت جا ڏهر

(1)

ڪر ياد پنهنجي رب کي، جنهن توکي اُپايو،
متيءَ سنديءَ مٽ مان، توکي ٻاريءَ بنايو،
پوءِ پاڻيءَ مان پيدا ڪري، توکي هاديءَ هلايو،
هنر حرفت ڪيتري، توکي صاحب سيکاريو،
ڳايو وڄايو، ڪج تعريفون تنهن رب جيون.

(2)

ڪر ياد پنهنجي رب کي، جنهن جوڙيو سڀئي جهان،
سڀئي عالم اُن جو، آهي هندو مسلمان،
منٺار مالڪ ملڪ جو، آهي رحم ڏٺي رحمان،
ساراهي سبحان ڪر، تعريفون رب جون.

(3)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جي لاءِ،
مون ڪي مخدوم نوح جو، اوٽ اجهوئي آهه،
تنهن سرور جي ساڄاهه، مون کي آڳا امن ۾ رکين.

(4)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جا ڪوٽ،
مونکي مخدوم نوح جي، اجهو آهي اوٽ،
تنهن حرمت حضرت گهوٽ، مون کي آڳا امن ۾ رکين.

(5)

ڪي ڪنين جا ڪارٽي، ڪي ڪنين جو پار،
مدت مون مسڪين جي، سرور شاهه سردار،
مائٽ مڪمل جنهن جو، والي وڏو يار،
سو سجاڻي سچار، مون کي آڳا امن ۾ رکين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(6)

ڪي ڪنين جا ڪارڙي، ڪي ڪنين جي واڙ،
مون ڪي مرشد پاڪ جي، مدت آهي ماڙ،
چڪڻ مان رب چاڙهه، مون کي حرمت حضرت نوح جي.

(7)

ڪي ڪنين جا ڪارڙي، ڪي ڪنين جا پير،
مدت مون مسڪين ڪي، سندي نوح فقير،
من سؤ ڪي لنگهان سير، مهابي مرشد پاڪ جي.

(8)

ڪي ڪنين جي ڪارڙي، ڪي ڪن جا ڪوتار،
هردم حضرت نوح جي، اسان ڪي آڌار،
صاحب رب ستار، مون ڪي آگا امن ۾ رکين.

(9)

ڪي ڪنين جا ڪارڙي، ڪي ڪنهن جي هٿ هيٺ،
مون ڪي مخدوم نوح جي، محبت آهي ميٺ،
تنهن جي نگئون نيتا نيٺ، اُڪرنديس احسان سين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

داستان پندرهون

## نصيحت جا ڏهر

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي، تون وسئون تہ ڪيم وسار،
جان جان آهيئي جيئرو، تان تان تند تنوار،
دنيا سڀ ترڪڻ تال، اُتئي غفلت ۾ م گذار،
مئي سندي مننار تون، هستي مڙيئي هار،
ڏينهن اٺئي ٻہ چار، اُتي اور الله سين.

(2)

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي، اندر ساهہ پساهہ،
بنا ياداس يار جي، تنهن جو ٻيو نہ وسيلو واهہ،
ان ويسر سنديءَ وير ۾، لڪين ٿيا گمراهہ،
تون تون سنديءَ تسبيح، مننار پڙهج مداح،
هوُ هوُ ڪر همراهہ، تہ وڃي سفر ۾ سڪيو ٿئين.

(3)

هٿ حاڪم اڳ ٻہ هزار هوا، پر ڪهہ تہ ويا ڪا ڏانهہ،
هرگز هٿ نہ رهڻون، تون ٻہ ويندي تا ڏانهہ،
مننار پنهنجي من سي، جن سچاتو الله،
سرهو تني ساهہ، جڳ جڳ رهن جيئرا.

(4)

واهہ قدرت واحد سنديءِ، ڇئو قبل ڇئو ڏارا،
ڪئين زمي ڪئين فلڪي، سج چنڊ ڪتيون تارا،
جيڪي خلقيئي خلقڻ هارا، سو معلوم اٿئي مننار ڇئي.

(5)

واحد وڏائي تنهنجي، جا مون آهي لائي من،
تہ هادي تنهنجي حڪم سين، اکيون ٿيون ڏسن،
ءَ هي جي ڪن ڪپار جا، سببان تنهنجي سڻن،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

من وٽي سا ۽ صبر جو، آهي فاني هي جهان،
من رکي سعيو سمر جو، هت آهي مهمان،
وڏا طالع جن جا، مڃيو جنين قرآن،
جن مڃيو محمد مصطفيٰ، آڻي دل ايمان،
مٿئون تن منٺار چئي، لٿو تڙکي جو طوفان،
ان جو ٻه زمان، آهي ڪريم ڏينهن قيام جي.

(9)

زمين ۽ آسمان، اڏيو عرش مٿان،
خالق خلقي آدمي، ڪٺي پرور ڪيا پيدا،
ڪي بي عقل بادشاهي ۽ تي، ڪي عقلي اڪڙندا،
ڪي هسوار ئي هلاڪت ۾، ڪي پلٽن پيادا،
ڪي سوڙهين منجهه سياڻيا، ڪي اوڇڻ آسودا،
ڪج مهر منٺار چئي يا، خاوند ملڪ خدا،
صاحب سڻي سدا، ڪو ڪجان رحم رحيم تون.

(10)

غافل گناهي آهيان، آئون بي شعور بندو،
وٺان نه راهه رسول جي، آئون اوجهڙ منجهه اندو،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، اچي موت مارينڌو،
عزرائيل اوچتو اچي، قبض ساهه ڪندو،
اڳيان ملڪ منڪر نڪير، اچي پڇاڻو پڇندو،
اتي يا موليٰ منٺار تي، شل قادر ڪرم ڪندو،
پڙهو پيغمبر شاهه تي، جو ڪلمون ڇاڙهيندو،
لڪيون لنگهائيندو، مير محمد مصطفيٰ ﷺ

(11)

غافل گناهي آهيان، آئون اهوجهو انسان،
ايندو ڏينهن قيام جو، ٿيندو پيٽڻ جو بيان،
جتي سندي ٿامي ذرتي، ۽ رڪ جو آسمان،
ست اڪيون تنهن سج ڪي، ٿيندو نيزي پاند نيشان،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

سو ڪندو مهر ڪندو مننار ڇئي، آئون ڇتندس ڇين ڪان،
تنهن سرور ڪانسواءِ، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(14)

غافل گناهن ۾، وڃان تو واڻون،
مون کي رستي لاءِ رسول جي، آهيان ناڪس نماڻون،
يا مرشد مننار تان، ڪج معافي پڇاڻون،
منهنجي پارت ڪج پاڻون، تہ محشر مرڪندو ٿيان.

(15)

غافل گناهن ۾ وڃان تو ٻڌيو،
پاپي ڪريان پاپڙا، ٻيا ڪريان ڪيس ڪڌيو،
يا محمد مننار جون، ائين اجهائون اڏيو،
هيءَ گناهي گڏيو، نيئي منهن محمد مير جي.

(16)

غافل گناهي آهيان، آئون ڪميڻون ڪلال،
ڪيرت ڇاڻان ڪانہ ڪا، هھڙو منهنجو حال،
مننار ڇئي يا محمدا، تون سيد سڄ سوال،
ڀلا ڪري ڀال، عيبن ڪان آجو ڪرين.

(17)

ڪيرت ڇاڻان ڪانہ ڪا، آهن مون ۾ عيب اپار،
آگي سائين الله جا، آهن مون تي حرف هزار،
جي اٿم اگهاڙون انگ جون، سي ٻہ ڍنيون ڍاتار،
مرشد مديون ميٽيئي، سنديون گنهگار،
ڪر مهر مننار تي، ميان سڳورا سردار،
آهين وڏي آڌار، ڪنڌي ڍينهن قيام جي.

(18)

ڪيرت ڇاڻان ڪانہ ڪا، اٿم مديون من اندر،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، ايندو موت اڪر،

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

پاڻهي سيکو پرکبو، اڳيان اڳوتر،
منٺار چئي منهنجا پرين، تون ڪامل نظر ڪر،
سرور ريءَ سمر، آهيان تنهنجي آسري.

(19)

ڪيرت چاڻان ڪانہ ڪا، آهيان ڏڏ ڏوهاري،
توبهہ در الله جي، ڪريان ٿو زاري،
جيئڻ ڪونهي جڳ ۾، ايندءِ موت سندي ماري،
هتان هالاٽي سندي، ٿيندي تکڙ تياري،
منٺار چئي منهنجا پرين، توريءَ ناتاري،
تون بخشائج باري، منهنجا ڏنا ڏوهہ گناهڙا.

(20)

ڪيرت چاڻان ڪانہ ڪا، مرڻ ايندي ويل،
تون ساڻي ٿيج سڪرات ۾، سرور شاهہ سويل،
ڪج مدت منٺار سي، جت سختيون سچن سيلهہ،
پلا مون تان پيل، ڪنهن لطف سان لاهي ڇڏين.

(21)

ڪيرت چاڻان ڪانہ ڪا، هت ڪچڻ ٿيندو ڪيئن،
ايندو ڏينهن قيام جو، جتي ماءُ نہ سڃاڻي ڌيءُ،
پيءُ نہ سڃاڻندو پٽ کي، اهي ڏسڻ ۾ ايندا ڏينهن،
منٺار چئي منهنجا پرين، اُت واهر ڪج وليءَ،
حضور گڏج هيءَ، منهن محمد مير جي.

(22)

سڻي منهنجا سڏڙا، اچي ڪندو واهر وير،
ڇڏائيندو ڇيهن ڪان، پاڪ پيغمبر پير،
سوال ڪندو سرڪار کي، جڏهن عالم جو امير،
جڙندومان مصطفيٰ کي، ۽ مرڪندو محمد مير،
ماڻيندو ملير، ٻي پرج لڳندي پٽ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(23)

سڄڻ منهنجا سڏڙا، اچي سرور لهندو سار،
ڇڏائيندو ڇيهن کان، تي اڙين جي آڌار،
اچي سڪ کندو سڪرات ۾، لطف لک هزار،
لهندي پر پڇاڙي جي، تنهن دوست ڪارڻ دلدار،
وڃي محشر مرڪندي، هئي پرچ پنيءَ سردار،
مون سان سو منٺار ڇئي، شل حامي هوئي هروار،
جنهن پارس اهڙا پار، سو ميڃيو محمد مصطفيٰ.

(24)

سڄڻ سدا سڪ سوز ۾، محب تنهنجا مشتاق،
وڍيا جي وهلور ۾، چير ڇڪاون چاڪ،
ماريا سي منٺار ڇئي، تنهنجي ڦوڙائي فراق،
اچين جي اوطاق، تہ سورن کان سگهي ٿيان.

(25)

وڏا طالع تن جا، جيڪي محمد مڃيندا،
رکيو سا جاهه سيد، جي ادب ۾ ايندا،
مٿئون تن منٺار ڇئي، سي هلور ويندا،
ڪلمون جي ڇيئدا، اُهي ڇٽندا ايمان سي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

2- شيطان جي لهي گمراهي، حضرت شاهه جي ٿئي همراهي
اوجر ڏي تان لهي اونداهي، نظر ساڻ نگاهه جي
3- الله آس پڄائيندو، محمد ساڻ ملائيندو
تنهن مجلس منجهه مرڪائيندو، مهندا منور ماهه جي
4- ملي فقيري منثار کي، آسيءَ عرضدار کي
سوالي سڪلڳهار کي، حرمت حضرت شاهه جي

# مولود شريف

نمبر 1 راڳڻي سارنگ

ٿل: معراج مصطفيٰ جو آهي مشهوري
تہ مليو مير محمد هاديءَ کي حضوري
1- جنهن کي اقصيٰ ۾ انبيائن - عرض الايا
تہ فضل اسان ساڻ - تنهنجو نور نوري
2- اُتي آيا هوا اين جا ملڪ موچارا
چمي قدم کوڏئون - لاٿائون سڪ تان سموري
3- اُتي عجب الله جا - ڏنا مير محمد
هٿ سان هاديءَ جي - ڪيئين معلوم مذڪوري
4- آيو ڪن اين سيءَ - ساتي سڄڻ سان
حضرت همراهه - جبرائيل ظهوري
5- اڳتي اُن حد کان - ٻي طاقت نہ ڪنهن کي
مٿي محمد مير - هلڻ ضروري
6- رب يار رسول کي - اتي هو آڻايو
پوءِ پسائي پاڪ پرور - الله اظهوري
7- ملي يا موليٰ سين - بخش گهوٽ گهريا
عرض احمد جا - ڪيا موليٰ منظوري
8- چئي منثار فقير - آهيان اميدوار
حرمت حضرت جيءَ منهنجي ڪج آس پوري

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

نمبر 2 راڳڻي سارنگ

ٽل: پيارا پرينءَ جا وڏنڊڙ چڱا واهه
صديق سونهارو عمر عثمان علي شاهه

1- صديق سونهارو - سچلو سچيارو
مٿان مير محمد - صدقي ڪنڊڙ ساهه

2- عادل عمر ڄام - سچو جنهن جو اسلام
صاحب شرم جو - رڪندو نہ هو رياءُ

3- آهي امير عثمان - سچو جنهن جو ايمان
مٿي دين دائم جامع ڪلام الله

4- علي شاهه حيدر پلي جي برادر
جنهن ڪفر ڪنبايو - چئي اڪبر الله

5- چارئي نور نرمل - ڪيا الله اڪمل
حضرت نبيءَ جو - هو چئني مٿي چاهه

6- هيءُ فقير منٺار - سندن منگٺهار
گهري دين ايمان پڙدو ءِ پناهه

نمبر 3 راڳڻي سارنگ

ٽل: سڪان روز ساريان تنهنجي لاءِ ديدار
در سن دکايو - سهڻا ڄام سردار

1- دردن ديوانو - ڪيس مستانو
غمن وڪوڙيس - مل يار غمٺار

2- آءِ تان اُداسي - آهيان پياسي
مون کي نہ وسارج ڪج ياد هروار

3- آئون تنهن جو آهيان - اميد نہ لاهيان
مون کي ڏي ملڻ جا - دلاسا يار دلدار

4- مرڻ ويل منٺار - جي ٿيج آذار
پٽيءَ لائي پنهنجي مهند ٿيج مهندار.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

3- ٽيندي‌س سهاڳڻ - مون کي ڏسو م ڏهاڳڻ
آهيان آئون دعاڳڻ - تہ ماٽي مير جواٽي

4- چئي راڃڙ لڌم رند - شڪرانو الحمد
مڃيم محمد نت هيئس هندواٽي

نمبر 7 راڳڻي ڌناسري

ٽل: رحمت خدا راحمين جي محمد مٿي هردم وسي

1- واٽ وساريو کيم کي - دلبر نبيءَ جي دين جي
منجهہ محشر تان ڏسو - صورت عالم جي امين جي

2- آگي عزت اعليٰ کئي نرمل نبوت نشين جي
کريو متابعت مومنان - ختم المرسلين جي

3- توڙي عرش آسمان کي - توڙي خلق ٻي زمين جي
تان سيد سوا ناهي شفا - مون کي پڪ قلب جي يقين جي

4- پارت پيغمبر کي هجي - گولي ويچاري غمگين جي
سرور لهي سنيال من منٺار هن مسکين جي

نمبر 8 راڳڻي ڌناسري

ٽل: مرسل محمد ڄام جي آگي عزت اعليٰ کئي

1- نفسي نبي پڙهندا آيا - جڏهن ٿيندي ويل قيام جي
چي يا اُمت اسين آهيون - احمد سچي امام جي

2- سختي قيامت جي سچي ٿي - هل حشر هنگام جي
ماءُ پيءُ پچي ٿيندا پري - تڏهن سيد جهليندو سام جي

3- وٺو راهہ رسول جي - کٽي دين ۽ اسلام جي
کنجي بهشتن جي اٿو کلمون نبيءَ جي نام جي

4- پارت پيغمبر کي هجي منٺار هن غلام جي
تہ من قبر مون کي ملي تنهن مديني جي مقام جي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

ر - ري منٺا محبوب توريءَ روئان ڏينهن راتيون
مون کي تو محبت سنديون کهن ٿيون ڪاتيون
ٻي ڪنهن سان ڪرڻ جون ڪينڪي تو بگر باتيون
منهنجي هينئين جون ڇاتيون ڦاٽيو ٿيون پون فراق ۾
سائين آئون ٿي ڏوريان

ز - زي ذڪر زبان ۾ اُتم اهو ئي
مل پيارا مل پيارا آئون سائل سندوئي
هيٺون منهنجو حال ٿيو اِن رمز ۾ روئي
سوال سڄ سوئي جو ڪريان ٿي دل قلوب مان
سائين آئون ٿي ڏوريان

س - سين سواءِ تنهنجي پرين هتي ڪٿيان ڪيئن
آئون اوهان جي اهيان مون کي هوت ۾ ڇڏج هينئن
ان رمز ۾ راڇڙ ڇوي پئي روئان راتو ڏينهن
ميڙائي جا مينهن جي وسن تان وندري هينئون
سائين آئون ٿي ڏوريان

ش - شين شوق قلوب تي اِهوئي آهي
تہ هيڪر هوت حبيب سان مون کي موليٰ ملائي
پرين پيشاني پنهنجي شل پرمل پسائي
تہ لڇي ليلائي ڪٿي مهندان پرينءَ پساهہ ڏيان
سائين آئون ٿي ڏوريان

ص - صاد صبر ناهي مون کي اچي نا آرام
وٺي ڪين وجود کي تو ڪان بغير طعام
ڦوڙائي فراق جو منهنجي من اندر ماتام
اهو اُتم ايرام تہ هيڪر هوت ڏسي مران
سائين آئون ٿي ڏوريان

ض - ضاد دلاسو دل کي ڪو ڏ وجج ڏيئي
تو ڏي حرف نہ هڪڙو آهن مون ڏي مڙيئي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# لولي عاجزي ۽ دعا پنڻ جي حق ۾

ٿل: مون کي مل اچي اگڻ ته اسان جي ٿل اچي
آءُ ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي سائين مل اچي
الف - الف تنهنجو آسرو آئون نه لاهيان
تنهنجي اُميد اچڻ جي اجان ٿي پانيان
مون ۾ طاقت کانه کا جا شراکت ساهيان
پاند ڳچيءَ پايان چمان قدم تنهنجا کوڏ مان
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي سائين مل اچي
ب - ٻي مڙيئي باريون چڪيم هيٺون ٿيم حال
آئون عيبن پري آهيان تون لائق پريو لال
شان سجاڻي پنهنجو کر پلائي پال
سڻ منهنجو سوال مڃ عرض منٺار جا
آئون ٽڪيس منزل پري مونکي مل اچي
ت - تي سنديم تو کان سواءِ ٻي کنڌي نه کائي
مون کي منان مور نه وسري تنهنجي صورت سهائي
متان منهنجي ليکئي عاقل آگلائي
پيرو پلائي کو پرج قدم کرم جو
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ث - ٿي سنديم سڏڙا سٽي وري آءُ وريام
آئون سئس ساري لوک ۾ نرمل تنهنجي نام
متان مون کي ڇڏين ڇامن سندا ڇام
پرين پيس تو سام مون کي پلئي لائي وچ پنهنجي
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ج - جيم جيا پو جيءَ جو آڳادو آهين
مون تان پاند پناه جو تون لال متان لاهين
ڇيه ئون کڏي ڇڏج کيم کي اَکمل اڳاهين

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner



مصنف منٺار فقير راڄڙ

Gul Hayat Institute

طالب دعا 🙏 محب فقیر

Scanned with CamScanner

ز - زي زيارت ڪار مون دل سندا دلبر
مون کي طلب تنهنجي گهڻي آهي اُڪنڊ منجهه اندر
آئي نام الله جو اچ سگهو انور
سڏ سڻي سرور گوندر لاهه غريب جا
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
س - سين سلامت سپرين محب موچارا
آئون اُبالي آهيان دلبر تو ڌاران
سگهو لهجه سنڀال تون سڄڻ سوڀارا
پنهل پاڳارا پاڻ پسائج پنهنجو
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ش - شين شمس شاهن جا شاهه وسيلا والي
آئون اوهان جي رءِ آهيان اَڪمل اُبالي
مڃ عرض منٺار جا جو سڪندڙ سوالي
تنهنجي اکين جي لالي جي ڏسان تان ڏڪڙا لهن
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ص - صاد سڪان ساريان پيئي ويل نه وساريان
تنهنجي ورڻ جيءَ وات کي تي نت نت نهاريان
اجان تنهنجي آسري پيئي اڱڻ ٻهاريان
گڏجي گذاريان سڄڻ تنهنجي ست ۾
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ض - ضاد دلبر دل جا ڪامل قطب ڪبير
آمين محمد آءُ تون منٺا مرشد مير
متان ڇڏين منٺار کي پلڪ لائج پير
ساريان منجهه سرير حسن تو حبيب جو
آئون ٽڪيس منزل پري مون کي مل اچي
ط - طئي سنڌئي طالب آهيان ڪريان تو ڪارون
اجان تنهنجي آسري نت منديان ڦارون
مون کي تو محبت سنديون تن اندر تارون

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner



فقير ولي بخش راڄڙ مرحوم

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

چؤ اله الا الله، محمد رسول ﷺ
ايئن چئي ويو چاڳلو، موليٰ جو مقبول
منجهان دل منٺار چئي، ڪيو جن قبول
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

(منٺار فقير راڄڙ)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner